


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٿڏاڇپ

(ڪھاڻيون)

ايشور چندر

نيو فيلڊس پبليڪيشن

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1993ع

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO ★ CHANDIA GOTH QASIMABAD ★
SINDH

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻارهون

ڇپائيندڙ: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: نيو فيمس پرنٽنگ پريس
هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.

پهريون ايڊيشن: جنوري 1979ع

ٻيو ايڊيشن: مئي 1993ع

قيمت: 40/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا اداري جا قائم)

---

*THADA CHAPP (Short Stories) Written by: ISHWAR CHANDER. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition January 1979. Second Edition May 1993. Price Per Copy Rs. 40/- Book No. 12*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

# ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| ٿرٽ | ۹ |
| آکيرو ۽ ٽُوٽ ڦاٽ | ۱۹ |
| ريلوي پليٽفارم تي | ۳۲ |
| موھ | ۴۴ |
| ٽڏا چپ | ۵۸ |
| ھيمس | ۷۷ |
| پنھنجي ئي گھر ۾ | ۹۰ |
| ھڪ رات جي لاءِ.... | ۱۰۵ |
| ھڪ ڏينھن ائين ٿي.... | ۱۲۰ |
| نه مرڻ جو ڏک | ۱۳۷ |
| ڪجھ به نه.... | ۱۵۳ |
| ھن جو ڏپ | ۱۶۸ |
| ڪجھ غلط غلط.... | ۱۸۶ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دلي همدرديءَ وچان چوندو آهي. ان ڪري آڄ بہ آلا ٿي چو، جڏهن هنجي شرٽ جي ٽونٽ ڦاٽي آهي، تڏهن هو پنهنجي حالت لاءِ همدرديءَ پريا بہ لفظ ٻڌڻ ٿو چاهي، ۽ ڪيس خبر آهي تہ جهڙي همدرديءَ جي ڪيس ضروورت آهي، آهڙي صرف ڪلڪرني ئي ڏيئي سگهي ٿو.

ڪلڪرنيءَ وٽ پهچي پهرين هو پنهنجي وارن تي هٿ ڦيري ٿو، ان ئي خيال کان تہ جيئن سندس ڦاٽل ٽونٽ ڪلڪرنيءَ کي ڏسڻ ۾ اچي، پر ڪلڪرني اڄ ٿورو ڪم ۾ مشغول آهي. هنکي آيل ڏسي ڪلڪرني چوي ٿو، ”هل، هڪ هڪ ڪوپ چانهہ پي اچون.“ هو چپ چاپ ڪلڪرنيءَ سان گڏ ڪئنٽين ڏانهن وڃي ٿو.

چانهن پيئندي پيئندي لاچار هو ڪلڪرنيءَ کي چوي ٿو، ”يار، جيڪا آخري سچي شرٽ هئي، ان جي بہ اڄ ٽونٽ ڦاٽي پيئي. هن آفيس جو فرنيچر ٽونٽين جو دشمن....“

وچ ۾ ئي ڳالهہ ڪپي ڪلڪرني کيس چوي ٿو، ”جيڪڏهن پنجين ستين رپئي ۾ تنهنجي شرٽ ٺهي وڃي تہ في الحال مان تو کي ڏيئي سگهان ٿو. هن مهيني ڪجهہ رپيا مان بچائي سگهيو آهيان.“

خوشيءَ وچان هو ڪلڪرنيءَ کي چوي ٿو، ”ها، ها، ايترن رپين مان ٺهي ويندي. تنهنجي ڀاڀي سلائي سٺي ڄاڻي. گهر ۾ سلائيءَ جي مشين تہ آهي ئي، باقي آهي ناهي ڪپڙو.... سو ايترن رپين ۾ ملي ويندو.“

ڪئنٽين مان ٻاهر نڪرڻ وقت هو ڪجهہ رپيا ڪلڪرنيءَ

ڦوڪون ڏيندو هو اڄا به ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳي ٿو.
گهر پهچي ڏسي ٿو سندس ٻه ٻار سمهي پيا آهن. هڪڙو
ٻتيءَ واري ڪنڊ وٽ ويهي شايد اسڪول مان مليل ’هوم
ورڪ‘ ڪري رهيو آهي. ۽ چوٿين ٻار کي جوڻس کير پياري
رهي آهي، جوءِ جي چهري ڏانهن نهاري هو چوي ٿو، ”منوُ
۽ ببوُ سمهي پيا ڇا؟“
جوڻس مختصر جواب ڏنيس ٿي، ”ها.“
جوڻس جو مختصر جواب کيس نٿو وڻي، هو چاهي ٿو ته هوءَ
ڪجهه وڌيڪ ڳالهائي. ان ڪري وري چوي ٿو، ”ڏاڍا شيطان
آهن. سڄو ڏينهن راند ڪري شام جو ٿڪجيو پون، ۽
سمهيو پون. ڪونه؟“
جوڻس وري به ساڳيو ئي مختصر جواب ڏئي ٿي، ”هون.“
ان جواب تي هو ٿورو ششدر ٿئي ٿو، پر وري سوچيئو ته
شرٽ جو ڪپڙو ڏسي هوءَ خوش ٿي ويندي. ان ڪري
پئڪيٽ کولي شرٽ ڪڍي جوءِ کي ڏيکاري ٿو، ”هيءُ
ڏس. مان پنهنجي لاءِ شرٽ وٺي آيو آهيان. ڪيئن سٺي آهي
نه؟“ جوڻس اڄا جواب ڏئي ٿي ڏئي ان ڪان اڳ ڦڪو
مرڪي، ٿونٿ ڏيکاري، هو جوءِ کي چوي ٿو، ”ڏس نه.
هيءَ آخري جيڪا سڄي شرٽ هئي، انجي به اڄ ٿونٿ ڦاٽي
ويئي.“
جوڻس هڪ نظر سان ڪپڙي ڏانهن نهاري ٿي، ۽ وري چمچو
ٻري ٻار کي کير پيارڻ لڳي ٿي. هو وري پڇيئو ته
”تو کي ڪونه وڻي ڇا؟“

جوءِ کي چوي ٿو، ”ٻلي ٻڌي سان سلائي ڪر. هڙو ٻرو نڪرڻ ڪانهي.“

جونس عجب مان سوالي نگاهن سان ڏانهس نهاري ٿي.

هو وري چوي ٿو، ”اينڊرز مهني ڏياري آهي. پاڻ جڏهن رات جو گهمڻ نڪرنداسين نه، تڏهن پاڇي هلندس. تون به لائيٽ بلو ڪلر جي ساڙهي پائي هلجانءِ. ڪيئن، سٺا لڳنداسين نه؟“

جونس صرف مرڪي ٿي.

ٻئي ڏينهن جڏهن آفيس وڃي ٿو ته ڏسي ٿو واٽسن اڄ وري نئين ڊريس پائي آيو آهي. پر اڄ ڪيس پنهنجي شرٽ جي ڪونٽ قاتل هٿڻ جي پرواهه ناهي. اڄا ڪالهه ئي هو هڪ نئين شرٽ وٺي آيو آهي.

هو واٽسن کي ٻڌائي ٿو، ”واٽسن، ڪالهه مان هڪ شرٽ وٺي آيو آهيان. ڇا ٻڌايانءِ، بيوٽيفل ڪلر آهي. ملٽري ڪلر جي پئنٽ سان اصل بيحد مئچنگ ٿي لڳي. اڃا تيار ڪانه ٿي آهي، نه ته پائي اچان ها، تون ڏسين ها، ته بس، اصل واهه واهه ڪرين ها. اٽ از بيوٽيفل ڪلر!“

واٽسن هڪ دفعو ڏانهس نهاري ٿو، ۽ پوءِ هڪ طنزي مرڪ مرڪي پنهنجي، ڪم کي لڳي ٿو وڃي. واٽسن جي طنزي مرڪ کي هو ڀانپي ٿو وٺي. پر ڪيس اڄ ان مرڪ جي پرواهه ناهي. اڄ هو بيحد خوش آهي. ڇاڪاڻ جو وٽس هڪ شرٽ آهي جا ملٽري ڪلر پئنٽ سان مئچنگ آهي، ۽ هيءَ آها شرٽ ڏياريءَ ڏينهن پائيندو.

چرچ نظر آچي ٿي. چرچ جي ٻاهرئين دروازي وٽ هڪ ڪٺو چپ چاپ سٽو پيو آهي. چرچ جي مٿئين ڪراس تي هڪ سرڻ ويٺي آهي، جا ڪڏهن رستي ڏانهن ته ڪڏهن سامهون لهندڙ سج ڏانهن نهاري رهي آهي. چرچ جي پرسان لئمپ پوسٽ تي هڪ رنگا رنگي پکي ويٺو آهي. شوديال آن پکي ڏانهن گهوري نهاري ٿو، پر پکيءَ کي نٿو سڃاڻي سگهي.

شوديال سگريٽ جو پورو پورو فائدو وٺي چاڻي. هو تيستين سگريٽ کي نه ڇڏيندو آهي، جيستين سُسي ويل سگريٽ جي گرمائش جو ڇهاءُ سندس آڱرين سان نه ٿئي. اڄ به ائين ئي ٿيو آهي. هو محسوس ٿو ڪري ته سگريٽ ختم ٿيڻ تي آهي، وڏي آرمان سان هو سگريٽ اڇلائي ٿو. سگريٽ جي ٻچڙي اڃا جلي رهي آهي. اڇلايل سگريٽ ڏانهن هو هڪ دفعو وري نهاري ٿو، ۽ چپ چاپ اڳتي وڌتي ٿو وڃي.

هو وري واچ ۾ وقت ڏسي ٿو. اڃان ڪجهه سوجهرو آهي به، پر ميونسپل جون بتيون ٻري ويئون آهن. ڪيس گهر وڃڻ تي دل نٿي ٿئي. هو سوچي ٿو - باغ ۾ وڃي ويهي پوان. پر ڪيس پنهنجي بدن مان پگهر جي بانس ايندي محسوس ٿي ٿئي. اِن ڪري سوچيئو - پهرين وهنجندس، پوءِ وڃي باغ ۾ ويهندس. هونءَ گرميءَ ۾ گهر روڻي ڪيئن نه هي سگهندس.

وري دل ئي دل ۾ چوڻو - خير آج بزاري ٻاراوڌي ڪاڏي ڏي

ڪوٺڙي ۾ بلڪل اونداهه آهي. اوندهه ۾ آڳتي وڏي هو بجليءَ جو بتي دبائي ٿو. ڪجهه روشني ٿئي ٿي. ڪوٺڙيءَ ۾ هوئڻ ئي آپس گهٽي آهي. پر اڄ ته ويتر اها حالت آهي جو ساهه کڻڻ ئي مشڪل ٿي پيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ شوديال جون نگاهون آزخود کڙڪيءَ ڏانهن کڄي ٿيون وڃن. اڌوهيءَ کاڌل ڪاٺ جي اَن دريءَ جي کولڻ ڪانپوءِ به جڏهن هوا نٿي اچي، تڏهن هو چپ چاپ منٽ - اڌ لاءِ ٻاهر هليو ٿو اچي، ڏسي ٿو دينو ڪير وارو بيٺو آهي. شوديال کي ٻاهر ايندو ڏسي هو چوي ٿو، ”رام رام ديال بابو.“

شوديال به ڦڪو مرڪي ”رام رام“ ڪري ٿو.

دينو وري چويٿو، ديال بابو، هھڙي گرميءَ ۾ اندر ڪيئن ويٺا آهيو؟ اڄ ته غضب آهي.... ڪونه بابوجي؟“

شوديال ها ۾ ها ملائي ٿو، ۽ ساعت بعد چويٿو، ”بس هينئر وهنجي باغ ڏانهن هليو ويندس.... گرمي آهڙي آهي جو اندر ته ويهي به نٿو سگهجي.... اڇا آفيس مان ئي هينئر آيو آهيان....“

ڪير واري جا ڪجهه پئسا شوديال ڏانهن رهيل آهن، اِن ڪري نموني سان ڳالهه ڪڍي ٿو، ”اڇا، اڃان هينئر آيا آهيو آفيس مان.... خير، پيا ڪهڙا حال آهن....؟“

شوديال کي خبر آهي ته جڏهن دينو ڪير وارو ’پيا ڪهڙا حال آهن‘ چوي ته پڪ ئي پڪ هو پئسن جي گهر ڪري رهيو آهي، اِن ڪري ڦڪو مرڪي چوي ٿو، ”ها، ها،

پڙهڻ شروع ڪيو ته ڪري، ۽ ڪو خراب بورڊ ڏسي من ئي من ۾ سوچي ٿو- فلاڻو دڪاندار صفا ڪو چٽ ٿو لڳي. دڪان جو بورڊ به ٺهرائڻ نه آيو اٿس. وري سوچيٿو- دڪاندار ته چٽ هوندو سو هوندو، پر پينٽر به ڪو بيوقوف آهي، ڪلر مڪس ڪرڻ ئي نه آيا اٿس. خير، منهنجو ڇا وڃي- ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڪل تي آڇي. اُن وقت سندس پر مان هڪ اسٽيشن وئگن لنگهي ٿي، اُن مان نڪرندڙ پيٽرول جي دونهين سببان هو نڪ تي رومال رکي ٿو. ڪيس ڄاڻ آهي ته ائين نه ڪرڻ سان سندس مٿو ڦرڻ لڳندو.

شوديال هاڻي گهنٽاگهر وٽ اچي پهتو آهي. گهنٽاگهر ۾ وقت ڏسي ٿو. نوَ لڳي پنج منٽ ٿيا آهن. سوچي ٿو- هن ڪانپوءِ باغ ۾ ويندس ته وري آميت وٽ وڃڻ ۾ دير ٿي ويندي....

۽ اَڄ مون آميت وٽ ئي رات جي روٽي کائڻ جو خيال ڪيو آهي. اهو سوچي شوديال باغيچي ۾ وڃڻ جو خيال لاهي ساڄي رستي تان واپس ٿو موٽي. سامهون هڪ پان واري وٽان سگريٽ ڪڻهي ٿو، ۽ پوءِ هاسٽل روڊ جي سنسان رستي تان سگريٽ جا ڪش پريندو تڪڙو تڪڙو آميت جي گهر ڏانهن رخ ڪري ٿو. هاسٽل روڊ تي بلڪل شانتي آهي. اسپتال جون ٻه چار نرسون پاڻ ۾ ٽهڪ ڏينديون هاسٽل ڏانهن وڃي رهيون آهن. نرسن کي اسپتال جي وائيٽ ڊريس پاتل آهي. شوديال کي نرسن جي وائيٽ ڊريس تي ڪاري بيلٽ جو هئڻ ڏاڍو وڻندو آهي. انڪري اڪثر واندڪائيءَ ۾ هو هاسٽل روڊ تي ئي گهمڻ پسند ڪندو آهي.

پڳڙيون پليٽفارم تي ڇو رکي ڇڏيون آهن؟“
ڪوليءَ کي شايد هڪ ـ آڌ انگريزي لفظ ياد آهي. ڪو
مرکي ڪولي چوي ٿو، ”سائين اهو اسانجو ’بزنيس ـ
سوڪريٽ‘ آهي.“
هڪ هلڪو ٽهڪ ڏيئي مان چوان ٿو، ”پڪ جاڻ مئا، مان
اهو ڪم شروع ڪرڻ وارو ناهيان.“
منهنجي ان جواب تي پشيمان ٿي هو چويٿو، ”سائين، گاڏي
اچڻ واري آهي نه. انڪري اسان پڳڙي وڇائي پنهنجي
حد مقرر ڪري ڇڏيندا آهيون. ان حد ۾ جيڪو گاڏ
ايندو، اُن جي ’پئسينجر‘ جو سامان صرف اُهوئي کڻندو
جنهنجي پڳڙي اُن گاڏي جي سامهون هوندي.“ ـ ساعت
بعد وري چويٿو، ”سائين، نه ته وڏا جهڳڙا ٿا ٿين. اهو
نمونو سٺو آهي نه؟“
مان ڪنڌ لوڏي ”ها“ ڪريان ٿو. ڪولي پنهنجو مٿو
کنهڻ ٿو لڳي. مان هڪ دفعو اُنجي ڏبري جسم ڏانهن
نهاريان ٿو، پر هنجو ڌيان ٻئي ۾ ڪونهي. هو سگنل ڏانهن
نهارڻ لڳي ٿو ۽ نهاريندو ئي ٿو رهي.
منهنجي بوريت وڌنديئي ٿي رهي. اڃا ويهه منٽ اٺين ٿي
پليٽفارم تي گذارڻا آهن. هڪ هنڌ بيهي بيهي مان ڪٿ ٿي
پيو آهيان. ويلرس جي اسٽال تي ڪتاب ڏسڻ لاءِ اڳتي
وڌان ٿو. ڪتاب خريدڻ جو خيال ڪونه اٿم، مسافري
۾ پڙهڻ مونکي وڻندو ئي ناهي. پر سوچيان ٿو ـ شايد
اٿلا ٿيندي ئي آهي ويهه منٽ گذري وڃن. مان مخزنون

وري ڏسان ٿو، ته مرد ۽ ولائتي ڇوڪرو پاسيرا ٿي ڪجهه ڳالهيون پيا ڪن. پر شايد ڇوڪري، ڪي آهي به پرچائي نه سگهيا آهن. انهن جا چهرا به مرجهائجي ويا آهن. مونکي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي.

گاڏيءَ سيٽي هڻي آهي. ڇوڪرو پنهي مردن سان هٿ ملائي، گاڏيءَ ۾ چڙهي ٿو. زالون چپ چاپ بت بڻيون بيٺيون آهن. ڇوڪريءَ جي چهري ۾ ڪو فرق ڪونه آيو آهي. پرسان ٿي هڪ راند يڪن وارو گاڏو لنگهي ٿو. آن ۾ پيل باندر جي هڪ راند يڪي ڏانهن ڇوڪري نهاري ٿيءَ ۽ چپن ٿي چپن ۾ هاڪو مرڪي ٿي — آلائجي ڇو مونکي اهو عجيب ٿو لڳي.

گاڏيءَ بي سيٽي هڻي آهي، گڏو گڏ چرڻ به شروع ڪيو اٿس. مان يڪدم پنهان هڪ ٿرڊ ڪلاس گاڏي ۾ چڙهي ٿو وڃان. گاڏيءَ هاڻي هلڻ شروع ڪيو آهي. مان دري جي دروازي وٽ بيهي وري آن ڪتب ڏانهن نهاريان ٿو. ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ هڪ ليڊيز رومال آهي، سوچيان ٿو- اهو رومال هاڻي ضرور آکين تي ايندو — پر ائين ڪونه ٿو ٿئي.

منهنجي دل ٿئي ٿي، مان آگرين جي اشاري سان هن ڪتب کي 'ٽا ٽا' ڪريان، پر آهڙي همٿ نٿي ٿئيم. ڏسان ٿو ڪتب ٽيستائين فرسٽ ڪلاس جي آن دبي ۾ آکيون کپايو بيٺو آهي، جيسين آهو سندن آکين کان اوجهل ٿئي. گاڏي پليٽفارم ڇڏي چڪي آهي، هاڻي رفتار پڪڙي

آئون ماں آسمان ڏانهن نهاريان ٿو آسمان ڪارو آهي.
هلڪي برسات شروع ٿي وئي آهي. مان اندر اچي وهان
ٿو. هڪ ٻڍو آئي ڳاڏيءَ جي شيشي جي دري بند ٿو
ڪري.... ۾ ساعت بعد شيشي جي ٻاهرئين حصي تي مونکي
ڪجهه لڙڪ نظر اچن ٿا.
مان ڪيسي مان رومال ڪڍي شيشي تي گهمايان ٿو، پر
لڙڪ نه ٻاهر آهن ـ اُف! مان ڪنهنجا لڙڪ ٻه آڳهي ٿو
سگهان ـ مونکي اُيس محسوس ٿي ٿئي. مان مٿي نهاريان ٿو.
پنکو پنهنجي تيز رفتار سان هلي رهيو آهي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تڏهن ويلس عجب مان پڇندو هو، ”ڇو؟“
’ڪيي ڪيي‘ ڪري ڪلرڪني ڪلي چوندو هو، ”مرڻ ڪانپوءِ هن پڳوتي لعل جي آتما پڪ ئي پڪ هن هال ۾ ڀٽڪندي رهندي ۽ پوءِ ڪڏهن آواز ايندو، ’چپراسي، منهنجو هيءُ فائيل ٽائيپ ۾ ڏيئي آئين؟‘ يا وري ڪڏهن آواز ايندو، ’بابو مانڪلال جي، توهان پنهنجو اڪائونٽ ڪلوز ڪري ڇڏيو ڇا؟‘ يا ڪڏهن آواز ايندو....!“ اهو ٻڌي پرسان ويٺل ٻيا ڪلارڪ به کلي ڏيندا هئا. بابو پڳوتي لعل سيڪجهه ٻڌڻ بعد به چپ رهندو هو. ۽ سندس خاموشيءَ جو فائدو وٺي ڪڏهن ڪڏهن نئون آيل هڪ ڇوڪرات ڪلارڪ به طعني طور چوندو هو، ”ڀائي، اسانکي ته اجا پنجتيهه سال نوڪري ڪرڻي آهي. پاڻ ته آهستي آهستي ڪم ڪنداسين. هن ٻڍي جي نوڪري باقي ڪي ٻه چار سال مس هوندي، انڪري ٽڪرو ٽڪرو ڪم تو ڪري.“
تنهن تي ڪلڪرني چوندو هو، ”ڇريو آهين؟ اها ڳالهه ڪانهي. ڪريڊٽ اينٽري وٺڻ جو خيال هوندس، تڏهن ته....“
ڪڏهن ته مسٽر آنري بلڪل سامهون چٺي ڏيندو هوس، ”بابو پڳوتي لعل، جي توهان ڪم نه ڪندا ته ريل ڳاڏيون بيهجي وينديون نه؟“
ڪلڪرني وري ڊيڪ ڏيندو هو، ”ها آدا، هن ڪانسواءِ ويلوي جو ڪاٽو ئي بند ٿي ويندو.“
۽ ويچارو پڳوتي لعل ڪنهنکي جواب به نه ڏيندو هو. چپ

چاپ سؤر پي ويندو هو.
.... خير، آهي ڏينهن ته ويا گذري. هاڻي ته رٽايرمينٽ به
به ٽي وڃي.
’پر بابو دين ديال هي‘ ته عجيب ڳالهه ٻڌائي آهي. نئين
ڪلارڪ اچي منهنجي پورشن جي اصل اها حالت ڪري
ڇڏي آهي. ڪانٽس ڪم ٿيندو ئي ڪونه. فلاڻي اسٽيشن پهرئين
نمبر جي چور اسٽيشن آهي. نئين ڪلارڪ کي پلا ڪهڙي
خبر ته آيس-ايم ڪهڙي هيڊ ۾ پئسا ٽڳائي ويندو.... هاڻي
ڇا ٿيندو؟‘
ڪافي دير تائين بابو ڀڳوتي لعل کي خاموش ڏسي دين ديال
بابو پڇي ٿو، ”ڀڳوتي ڇا پيو سوچين؟“
”ڪجهه نه، ڪجهه نه.“ ڀڳوتي لعل ڦڪو مرڪندي
چوي ٿو.
”نه ڀڳوتي، ڪوڙ ٿو ڳالهائين. تون نه ته ائين چپ ڪري
هلڻ وارو ٿي ناهين.“
تڏهن بابو ڀڳوتي لعل چويٿو، ”ديال، منهنجي پورشن بابت
تو کي بابو مانگيلال ٻڌايو نه؟“
”ها.“
”مانگيلال جو گهر ڪٿي آهي؟“
”خبر ناهي.“
ڀڳوتي لعل وري مونجهاري ۾ ٿو پئجي وڃي- ’بابو
مانگيلال جي گهر جي خبر هجي ها ته هوند ڪانٽس چڱي‘
طرح پڇا ڳاڇا ڪريان ها. پر هاڻي ڇاٿيندو؟‘

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاسٽل روڊ اچي ويو آهي. بابو دين ديال هٿ آڏتي وڌائي
ڀڳوتي لعل کان موڪلائي ٿو، ”چڱو، وري سڀاڻي
گڏ جنداسين.“ وري پاڪيٽ واچ ڏانهن نهاري ٿو. ۽ پوءِ
بابو ڀڳوتي لعل کي چئي ٿو، ’ڀڳوتي، سگهو وڃ، اڄ
ڪافي دير ٿي ويئي آهي، ڏهه ته اتيئي وڃي ويا آهن.“ پر
بابو ڀڳوتي لعل جو ڌيان ڪنهن ٻئي پاسي آهي. چپ چاپ
هلندو هَو اچي گهر پهچي ٿو.
ڏسي ٿو ته ٻڍي جوڙس اوسيڙي ۾ چانئٺ وٽ ويٺي آهي. هو
چپ چاپ اندر لنگهي ٿو وڃي. جوڙس چوي ٿي، ”چو اڄ
ڪافي دير ڪري ڇڏيئه؟“
”ٿي ويئي.“ بابو ڀڳوتي لعل رکو جواب ڏئي ٿي.
”تو کي چاهي، هتي روٽي ٺري ٻرف ٿي آهي ۽ تون وتين
ٿو ڇڪر هڻندو. جڏهن کان رٽاير ٿيو آهين، تڏهن کان ته
پاڻ بيگهي مچي ويئي اٿيئي.“ بابو ڀڳوتي لعل کي جوءِ جو
اهو ڳالهائڻ نه وڻندو آهي. انڪري ئي ته هو باغيچي مان
موٽڻ جي ڪندو ئي ناهي. سوچيندو آهي، جيڪر ڏينهن رات
باغيچي ۾ پيو هجان.
جوڙس وري چوي ٿي، ”ان کان ته نوڪريءَ تي سٺو هئين
گهٽ ۾ گهٽ شام ويلي گهر ته وهندو هئين، هاڻي ڏينهن
جو ڪرين ننڊون، ۽ شام جو وڃي بياغچي ۾، ويندين
رات تائين....“
بابو ڀڳوتي لعل ان روزاني رٽيل گفتي ڏانهن ڌيان نٿو ڏئي
صرف چوي ٿو، ”روٽي کائي آءُ.“

جهڙا نهڙا ٻہ چار گره ڪاٽي هو آئي ڪڙو ٿو ٿئي. جوٽس پڇي ٿي، ”اَڄ آهي ڇا؟ اِئين ڪم - سم ڇو لڳو پيو آهين؟ ڪاڏو ٻہ ڪجهہ ڪونہ اٿيئي، آهي ڇا؟“

”ڪجهہ ڪونهي.“

”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. ڪجهہ تہ ضرور آهي.... بابو دين ديال سان وڙهيو آهين ڇا؟“

”نہ، نہ، ڪجهہ ڪونهي.“ بابو ڀڳوتي لعل خفي ٿي چوي ٿو.

جوٽس هاڻي نرمائيءَ مان پڇيئي، ”توکي منهنجو قسم آهي، سچ ٻڌاءِ.“

تڏهن هڪ ٽڏو شوڪارو ڀري، بابو ڀڳوتي لعل چوي ٿو،

”توکي ڇا ٻڌايان ڪشوَ ماءُ. مان جتي ڪم ڪندو هوس نہ، اُتي هڪ نئون ڪلارڪ آيو آهي. هٿي ڪم جو ستياناس ڪري ڇڏيو اٿس. هاڻي ڇا....“

جوٽس وچ ۾ ئي ڪپي چوڻي، ”وڃي ستياناس ٿئي. رٽاير ٿيڻ کانپوءِ تنهنجو هاڻي ڇا وڃي؟ هرو ڀرو پيو....“

پر اِهو جملو بابو ڀڳوتي لعل کي ٽٽو وٺي. هو منهن ڦيري ٿو ڇڏي. پوءِ بستري تي اچي ليٽي ٿو. ٿنگون سڌيون ڪري ڪجهہ سوچي ٿو. وري اکيون بند ڪري سمهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. پر ڪيس ننڊ نٿي اچي. پر واري گهر مان ريڊيو جو آواز اچي ٿو. بابو ڀڳوتي لعل ٻڙٻڙائي ٿو، ”هون، سڄو ڏينهن ٿا ريڊيو وڄائين. رات جو بہ آرام ڪونہ اٿن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جوٽس چوڻي، ”روز وڃائيندا آهن، آج ڪا نئين ڳالهه آهي جو ڪاوڙجين پيو.“ ڀڳوتي لعل ڪو جواب نٿو ڏئي. وري توري دير بعد جوه ڪان پڇي ٿو، ”منهنجي گلابي پڳڙي ڌوٻياڻي ڏيئي ويئي؟“
جوٽس ڪنڌ لوڏي ’ها‘ چوڻي. وري پاڻ سوال پڇي، ٿي، ”ڇو؟“
”صبح جو ڪيمپ.“
”ڇو؟“
”آفيس ويندس.“
”ڇو؟“
”ماڻهين جي ’ڇوا‘- بس، ڇهه ته ويندس.“ بابو ڀڳوتي لعل خفي ٿي چوڻو، جوٽس چپ ڪري ٻئي ڪمري ۾ هلي ٿي وڃي.
’چا ٿيندو، هاڻي ڇا ٿيندو....؟‘
.... صبح ٿئي ٿو. بابو ڀڳوتي لعل محسوس ٿو ڪري ته هن سڄي رات آڪين ۾ ئي گذاري آهي.
ٻارهين - هڪ ڏاري روٽي ڪائي گلابي پڳڙي پائي هو آفيس ڏانهن رخ رکي ٿو. سڌو آن هال ڏانهن وڃيٿو، جتي ٻه ٽي مهنا آڳ پاڻ ڪم ڪندو هو. ٻيا ڪلارڪ ڪيس ڪيڪارين ٿا. سيني سان مرڪي نمستي ڪندو، هو هيڊ ڪلارڪ وٽ وڃي ٿو. هيڊ ڪلارڪ ڪرسي ريڙهي ڪيس وهڻ لاءِ چئي ٿو. سدا چار ناتي پڇي ٿو، ”ڪيئن بابو ڀڳوتي لعل، مزي ۾ ته آهيو نه؟“

”ها، ها، بس ڏيا آهي.“ ڀڳوتي لعل ڦڪو مرڪي چوي ٿو.

تنهن تي هيڊ ـ ڪلارڪ چئي ٿو، ”اڄڙي بابا آسان ٻارن جي ڪهڙي ڏيا؟ ڏيا ته توهان وڏن جي گهرجي.“

پر بابو ڀڳوتي لعل ڳالهه جي رخ کي ڦيري ٿو. پڇي ٿو، ”بابو مانگيلال ڏسڻ ۾ نٿو اچي، ڇو اڄ ڪونه آيو آهي ڇا؟“

”نه، سندس ڌيءَ جي شادي ٿيڻي آهي، ان ڪري ١٥ ڏينهن موڪل ورتي اٿس.“

”اڇا، اڇا.“ بابو ڀڳوتي لعل وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو.

”بابو ڀڳوتي لعل، آهي ظلم. هاڻي هُو ويچارو ڪلارڪ ماڻهو، ٻه ڇوڪريون وارا ڏهه هزار ٿا گهرن. ويچارو ڪٿان آڻي، نسورو ظلم ڪونهي؟“

”ها، ها، آهي نه نسورو ظلم.“ ڀڳوتي لعل وري ڦڪو مرڪي ٿو.

”مهانگائي به ڪيڏي نه وڌي ويئي آهي.... توهانجو پينشن مان ڪيئن گذارو ٿيندو هوندو.“

”ها.... مڙيوئي پيو ڪم هلي.“ بابو ڀڳوتي لعل رکو جواب ڏئي ٿو. من ئي من ۾ سوچي ٿو ـ ڪهڙو عجيب ماڻهو آهي. اڄايون سڄايون ڳالهيون ڪڍي ويٺو آهي. اصلي ڳالهه تي ڇونٿو اچي. ائين ڇونٿو چئي، ’بابو ڀڳوتي لعل جي، توهان جي پوٽي جي نئون ڇوڪرو آيو آهي، ڪم ڪري ٿي نٿو

ڀڳوتي لعل کي هيڊ ڪلارڪ جو جواب ٺٺو وڻيو، پر ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ ٺڪو مرڪي چويو ته، ”ها، ها، ڪم ته پيو هلندو.... چڱو ڀلا هاڻي هلان. هڪ ٻن ڏينهن ۾ ساڻس ٻيهر گڏ جي وٺان.“

هيڊ ڪلارڪ ڪرسيءَ تان اٿي ساڻس هٿ ملائي موڪلائي ٿو. بابو ڀڳوتي لعل جا قدم آزخود پنهنجي ٽيبل ڏانهن کڄي ٿا وڃن. ڏسي ٿو اٿي آهو نئون ڪلارڪ ويٺل ڪونهي. پنا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. سندس دل ٺٺي ٿي ته ٽڙيل پکڙيل ڪاغذ سميٽي الڳ الڳ فائيلن ۾ ٺاهي رکي.

پر اوچتو سندس نظر سامهون ويٺل ڪلڪرنيءَ تي پوي ٿي. سوچي ٿو: ڪلڪرني ڏسندو طعنا هڻندو.

هڪ ڪن ڀڳوتي لعل وري ڪاغذن ڏانهن گهوري نهاري ٿو، ٻيءَ ساعت سندس قدم تڪڙا تڪڙا ٻاهر هلڻ لڳن ٿا.

ٻاهر آچي باغيچي جي ڪنڊ وٽان بيهي، هو آفيس ڏانهن نهارڻ ٿو لڳي. نهاريندي نهاريندي سندس اکين ۾ ڳوڙها چلڪن ٿا. انهن لڙڪن مان بابو ڀڳوتي لعل کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته آفيس جي بلڊنگ ڏنڌلي ٿي وئي آهي.

اوچتو پرسان ئي ڪنهن ڪَڏ مان اينڌڙ ڏيڏرن جي ’ٽان ٽان‘ جي آواز تي بابو ڀڳوتي جو ڌيان ٽٽي ٿو. اکيون اگهي هو تڪڙو تڪڙو گهر ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چهن ۾ پنج منٽ.

'هاڻي نڪرڻ گهرجي. ٻه منٽ پنڌ ٻه ڪائيندو. لئمپ پوسٽ وٽ راڌا انتظار ۾ بيٺي هوندي.' اهو سوچي ريڊيو جو سئچ 'آف' ڪري هو ٻاهر نڪتو.

وري اندر آيو. آرسيءَ ۾ ڏٺائين، نوڪن وٽان وارا ٿورا ڇڊا ٿي ويا هئا. ڦڻيءَ سان وار ٺاهي ٽڪڙو ٽڪڙو وڃڻ لڳو.

ڏٺائين، لئمپ پوسٽ وٽ راڌا ڪونه هئي، ٿورو نراس ٿي پٺيان نهاريائين. وري واچ ۾ وقت ڏٺائين – پورا ڇهه لڳي ٿي منٽ! – لئمپ پوسٽ وٽ هڪ ڪتو ستو پيو هو. پير جي ڇهاءَ سان منوءَ ڪتي کي آڌان پڇايو.... ۽ پوءِ لئمپ پوسٽ کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيو. پرسان هڪ سائيڪل وارو سيٽي وڄائيندو، ڏانهس نهاريندو اڳتي لنگهي ويو. منوءَ سوچيو. 'شايد هن سائيڪل واري کي شڪ پيو آهي ته مان ڪنهن ڇوڪريءَ جي انتظار ۾ بيٺو آهيان....' وري پنهنجي دل کي خوش ڪرڻ لاءِ پاڻ کان پڇيائين، 'ڇا پلا ڪنهن ڇوڪريءَ جي انتظار ۾ اهڙا ڪي آثار اچي ويندا آهن ڇا چهري تي؟' پر ڪيس ڪو جواب ئي نه سجهيو. ڪن بعد ٻه ڪاليجي ڇوڪريون ڏانهس نهارينديون، پاڻ ۾ سس پس ڪري مرڪي اڳتي وڌي ويون – آف! ساڍا ڇهه!

'هاڻي انتظار جي حد ٿي وئي. اڄ آءٌ ڪلاڪ ۾ هن ڪي ويهه دفعا ڪن واچ ڏانهن نهاريو هو. سامهون هن هنوَمان

”نه، دير تي وينديءَ.“
”ته پوءِ آناساگر تي هلون؟“
”ڀلي.“

۽ پوءِ ٻئي آناساگر تي پهتا. صبح جو برسات پيئي هئي. اِن ڪري وايو منڊل ۾ هڪ وڻندڙ برساتي سڳنڌ هئي. اُن وقت شام جا سوا ست لڳا هئا. ٿوري اونده وڌڻ لڳي. ماڻهن آهستي آهستي چرڻ شروع ڪيو هو. منوءَ چيو،

”ڪٿي وهون؟“

”سامهون واري ننڍڙيءَ ٽڪريءَ تي.“ راڌا چيو.

”ها ٺيڪ آهي، اُتي ڪير ڪونه ايندو آهي.“

ٻئي پهاڙيءَ جي هڪ ڪنڊ وٽ ويهي رهيا. راڌا چيو،

”مون سان گڏ توهان پاڻکي ڪيئن ٿا محسوس ڪريو؟“

”هون؟.... بيحد خوش.“

وري ٻئي خاموش ٿي ويا.

منوءَ چيو، ”تنهنجي پرولي مونکي سمجهه ۾ نه آئي، راڌا.“

”پرولي؟“

”ها، تنهنجي اُن ڪوري ڪاغذ جو ڇا مطلب آهي؟“

”توهان پڙهيو؟“

”مان؟– مونکي سمجهه ۾ نه آيو.“ منوءَ مجبوري ڏيکاري،

”مان پڙهايانو؟“

”هون.“ منوءَ ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪئي.

۽ پوءِ ساعت سانت رهڻ بعد راڌا چيو، ”مان اِئين محسوس ڪندي آهيان، ته اِنسان جي حياتي هڪ ڪوري ڪاغذ



Scanned with CamScanner

وانگر آهي. جنهن تي ڪجهه نه ڪجهه ضرور لکجڻ گهرجي.
زندگي ڪوري ڪاغذ وانگر ختم ٿي وڃي، اُن ڪان بهتر
آهي، انسان جنم ٿي نه وٺي."
ڪجهه دير لاءِ منو چپ ٿي ۾ پڇجي ويو. راڌا سندس
هٿ ٻڪڙي پنهنجي چپن تائين آندو. منوءَ ڪابه اعتراض
نه ڪيو. صرف چيائين، "اُن آلائجي ڇا محسوس ڪري
رهيو آهيان."
"ڇا؟"
"مان .... مان .... محسوس ٿو ڪريان ته منهنجي حياتيءَ
جي ڪوري ڪاغذ تي ڪجهه اڪجي رهيو آهي. پر مان
اُن ڪاغذ کي پرجڻ نه ڏيندس."
"ڇو؟"
"نه. اُن ڪاغذ جو ڪجهه حصو خالي رهڻ کپي. ڪڏهن
نه ڪڏهن ڪجهه لکڻ لاءِ ڪم آچي ويندو." منوءَ راڌا
جي هٿ کي زور ڏيندي چيو.
"هون؟" راڌا ڪنڌ هيٺ ڪري مرڪي ڏنو، ۽ پوءِ مليون
ٻڪوڙي مُسي ويٺي - شرم ڀُوٽيءَ جيان.
منوءَ چيو، "پنهنجي وارن جي هڪ چڳ مونکي ڏيئي ڇڏ.
مان پرس ۾ وجهي هلندس." راڌا ڏانهس چپ چاپ عجب
مان نهاريندي رهي.
منوءَ وري چيو، "مان پهريون شخص ڪونه آهيان، جنهن
اها ڳالهه چئي هجي. هڪ مهاپرش به آهڙو ٿي گذريو آهي،
جو پنهنجي محبوبا جو وار پنهنجي کيسي ۾ هردم رکندو

هو ۽ آڪيلائيءَ ۾ ان کي ڪڏهن ڪا ڪمي محسوس ٿيندي هئي. "
"مان اهڙي پيار جي لائق آهيان ڇا؟"
"مان ائين ئي محسوس ڪريان."
۽ پوءِ ائين ڪجھ وقت تائين ڳالهائيندا ئي رهيا.
راڌا چيو، "ڪافي اوندهه ٿي وئي آهي، هاڻي هتان اٿڻ گهرجي."
منوءَ پڇيو، "ڪيئن هلون؟"
راڌا چيو، "فريزر روڊ تي.... ۽ پوءِ گهر."
فريزر روڊ تي ڪافي اوندهه هئي. رستو سنسان هو. منوءَ راڌا جي گرم ڪمر جي گرد پنهنجي ٻانهن ڦهلائي، ڪيس آڇا به پنهنجي ويجهو آڻي پڇيو، "راڌا، تون هاڻي ڪيئن ٿي محسوس ڪرين؟"
"نائيس."
"سچ؟"
"هون." آڪيون مچڪائيندي راڌا چيو.
ڪن لاءِ هڪ سانت ٿي وئي. وري منوءَ چيو، "راڌا، تو کي ته اها خبر آهي ته مان شادي شده آهيان ۽ اها به پڪ ڄاڻ، ته مان پنهنجي ديويءَ جهڙي پتنيءَ سان ڪڏهن به بي وفائي نه ڪندس. پوءِ به مون سان رستو رکڻ مان تو کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟"
راڌا چيو، "مونکي خبر آهي، سويتا ديوي آهي. ۽ مان ڪڏهن به اها ڪوشش نه ڪنديس، ته توهانکي ڪانئس الڳ ڪريان.
منو، مون پنهنجي هن ننڍڙيءَ حياتيءَ ۾ زندگيءَ کي هڪ

نئين نظر سان ڏٺو آهي. مان چاهيان ٿي منهنجي زندگيءَ جي ڪوري ڪاغذ جي هڪ پاسي اهو لکيو وڃي جو آئوٽ-اسٽئنڊنگ هجي-غير رواجي هجي. مان چاهيان ٿي، مان اُن شخص سان پيار ڪريان، جنهن سان مونکي شادي نه ڪرڻي پوي.... هڪ مٺو درد، مان چاهيان ٿي، مونکي هميشه ڏکوئيندو رهي-مرڻ تائين." راڌا جو آواز پرجي آيو هو.

منو سوچيندو ئي رهيو. اوچتو نالي واري ننڍڙيءَ پل تي نظر پوندي ئي راڌا چيو، "هتي وهنداسين." هئي آئي ويهي رهيا.

ساعت بعد منوءَ چيو، "راڌا، مان ڪجهه جذبات-وهيٺو آهيان. هڪ ڳالهه مڃيندينءَ؟"

"ڇئو؟"

"تون پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪر. تنهنجي ڳچيءَ واري ڪنڌ کي مان 'ڪس' ڪندس."

راڌا بنا ڪنهن اعتراض جي ڪنڌ مٿي ڪيو، ۽ راڌا جي ڇهري کي ٻنهي هٿن ۾ جهلي، منوءَ راڌا جي ڳچيءَ واري ڪنڌ کي مٺيي ڏني.... ۽ ٻوءِ ائين جذبات وڌندا رهيا. اوچتو سامهون هڪ موٽر جي بتين جي روشني ڏسي، منوءَ کي ڪجهه هوش آيو. ڏٺائين، راڌا ٻن آڱرين سان پنهنجا چپ مهٽي لڳي هئي. منوءَ چيو، "هلون؟"

"ها."

هلندي هلندي منوءَ راڌا کي چيو، "توکي اهو سڀ ڪجهه

برو ته، ڪونه لڳو؟“

”اون هون.“

”آءٌ پنهنجي حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو مان ائين محسوس ٿو ڪريان، ته جڻ ته شدت سان مون آءٌ توکي چاهيو آهي، اڳ ڪڏهن به نه چاهيو آهي ـ سويتا ڪي به نه.“

”سچ؟“

”هون.“ چئي منوءَ واچ ۾ وقت ڏٺو. ساڍا نو لڳا هئا. چيائين، ”راڌا. وري ڪڏهن....؟“

”ايندڙ آرتوار تي.“

۽ پوءِ هٿ چپ چاپ هلندا هلندا لئمپ پوسٽ وٽ اچي پهتا. منوءَ راڌا ڏانهن هٿ وڌايو. راڌا به هٿ وڌايو ۽ ’گڊ نائيٽ‘ چئي هٿي الڳ ٿي ويا.

.... ٿو وساري سگهي منو اهو سڀڪجهه. سوچي ٿو. جذبات وهيڙو ٿي، راڌا کي جو چيم ته وارن جي چڳ ڏيئي ڇڏي، اهو ڇا هو؟ اهي ڪهڙيون آهن، جتي پهچي انسان پنهنجي شخصيت وڃائي ٿو ويهي.... ٿورو هيٺتي لهي ٿو اچي.

واچ ۾ وقت ڏسي ٿو ـ سوا لڳو آهي. سويتا کي سڏ ڪري چوي ٿو، ”سويتا. ڪافي دير ٿي ويئي آهي. بس هاڻي بند ڪر ـ سمهه اچي.“

”ها.“ چئي پرت بند ڪري سويتا اچي پلنگ تي منوءَ سان گڏ سمهي ٿي. وري پڇي ٿي، ”چو پلا، اڄ توهانکي ننڊ

ڇو نٿي اچي. مان ڏسان پيئي جڏهن کان توهان سرڪس تان موٽيا آهيو، تڏهن کان بيچين آهيو."

منو ڪوڙ ڳالهائي ٿو، "ها. مونکي ياد ٿو آچي ته سرڪس ۾ مٿي لڳل پينگهن جي وچ ۾ ڪيئن هڪ ماڻهو سهارو هٿ ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڦٽڪي ٿو. هو وري سوچيان ٿو ڪڏهن ڪڏهن حياتيءَ ۾ ماڻهو ڪيئن نه وچ ۾ ئي لٽڪندو رهجي ويندو آهي."

سويتا چوي ٿي، "اهي سرڪس وارن جا کيل آهن. توهان هاڻي آرام ڪريو."

منو "ها" چوي ٿو — هو پوءِ سويتا کي ياڪر ۾ ڀري سندس ڇپن کي هڪ ميٺي ڏئي ٿو. پر اوچتو ڇرڪ ڀري پٺتي هٽي ٿو وڃي. سويتا عجب مان پڇي ٿي، "ڇو، ڇا هي؟"

منو چوي ٿو، "اڄ تنهنجا چپ اهڙا گرم ڇو آهن؟" هو پوءِ پنهنجن ڇپن کي ڇهي ٿو. ڪجهه ڪلاڪ اڳ جا گرمي انهن ڇپن ۾ هئي، سا هاڻي آنهن ۾ نه رهي آهي. ڇپ ٿڌا ٿي ويا آهن.

هو سويتا سوچي ٿي. شاديءَ کانپوءِ جا ڇهه سال هن ئي پلنگ تي منوءَ جي واتان، بار بار ڪيئن رنڀل گفتا هن ٻڌا آهن — پر اڄ هيءُ عجيب گفتو وري ڪهڙو آهي؟....

## ■ پنهنجي ئي گهر ۾

ٻسوڏا ۽ انجو ٻار ٽانگي جي پٺئين حصي ۾ ويٺي رهيا. سامان هنن اڳيان رکائي ڇڏيو. وسوڏا جو پيءُ ٽانگي جي اڳئين حصي ۾ ويٺي رهيو. جڏهن ٽانگو هلڻ لڳو، ته وسوڏا کي لڳو، ته سندس شهر ڪافي بدلجي ويو هو. پنجن سالن جي ڊگهي عرصي بعد هوءَ آن شهر ۾ آئي هئي- جتي هن ڪڏڪيون پريون هيون- جتي وڏي ٽينڊي ٽينڊي هن گهڻن ئي گلن کي ٽڙندو ۽ ڪومائجندو ڏٺو هو- جتي پکيئڙن جي جوڙن کي ڏسي هن پنهنجين اکين ۾ ڪئين سپنا سجايا هئا- جتي هڪ ڏينهن هنجي هٿن تي ميندي لڳائي ويئي هئي. جتان هڪ ڏينهن سينگاريل ڏوليءَ ۾ ويهي هوءَ پنهنجن پيڪن کان وڇڙي ويئي هئي.

— پنج سال گذري ويا.

— تڏهن ۽ هاڻي ۾ ڪيڏو نه فرق اچي ويو آهي! هن رستن جي ٻنهي پاسن ڏانهن نهاري ڏٺو. ڪيڏو نه بدلجي ويو هو سندس شهر! رستا ويڪرا ٿي ويا هئا، ٽاوَن هال جي پرسان لنگهندي، هن ڏٺو ته دڪان سڀ پڪا ٿي چڪا هئا. ٽاوَن هال جي اڳيان هڪ باغيچو ٺهي ويو هو. ڪيترائي گل چهرا راهگيرن ڏانهن نهاري مرڪي رهيا هئا. چوواٽن تي سگنل لائيٽس لڳي ويون هيون ۽ رستن تي بيمار بلبن جي جڳهه تي ٽيوب لائيٽس ٽنگيون ويون هيون.

پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريندي وسوڏا چيو، ”بابا، ڪيڏو نه بدلجي ويو آهي پنهنجو شهر.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ان ڳالهه جو ڪو جواب ڏي ئي ڏي، وسوڏا ڏنو ته، ٻاڙي ۾ رهندڙ رکما چاچي اچي رهي هئي. اندر ايندي ئي وسوڏا جي وارن تي هٿ ڦيريندي چيائين، ”اچي ويئينءَ، ڌي.“

”ها چاچي.... ڪهڙا حال آهن؟“

”سٺا آهن پٽ.... اڄ رنڌڻي ۾ ويٺي هئس ته ڪمل ڊوڙندو آيو، چيائين وسوڏا ديدي آئي آهي.... هونئن ماڻهين ٻڌايو ته هو، ته هن توکي خط لکايو آهي.... پٽ، گهوٽين ڪونه آيو ڇا؟“

”نه. انهجي ته ڪم جا ڏينهن آهن.... سو فرصت هجيس ته ڪيڏانهن نڪرن....“

”هان، هان. ڀيو ٻڌاءِ ڌيءَ، ڪيئن، سکي ته آهين نه؟“

”ها.“ کن ترسي وسوڏا وري چيو، ته ”ڪمل ڪونه آيو، چاچي؟“

”اڄ انکي ته لچ تي اچي، ڇمومانس ته: هل ڙي.... هل پنهنجي وسوڏا سان گڏج.... پر چي: خبر ناهي، وسوڏا هاڻي سڃاڻندي به يا نه....باقي پٽ، توکي ياد ڏاڍو ڪندو آهي .... جڏهن تون پرڻجي ڏوليءَ ۾ ٿي ويئهن، ته روئي روئي ڪٿي راڳا ڪيا هئائين....ءِ وري تنهنجي شاديءَ کي اچا ٿورا ڏينهن ٿي مس گذريا ته، لڳو پڇڻ : وسوڏا ديدي ڪڏهن ايندي؟....وسوڏا ديدي ڪڏهن ايندي....ڏاڍو موهه اٿس تو ۾!“

وسوڏا ڏٺو ته، اٺين چوندي چوندي رکما چاچيءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو هو. پوءِ ساڙ... جي پلاند سان

لڙڪ اگهندي وري چوائين، ”هاڻي ٻه ، جڏهن ڪان ڪهس خير پيئي آهي ته سنجوءَ جي ماءُ توکي اچڻ لاءِ لکيو آهي، تڏهن ڪان ته ٻس ڪن ٿي ڪاڏي ويو آهي، روز تنهنجي لاءِ پڇندو آهي.“

تڏهن وسوڏا جي ماءُ چيو، ”چو نه پڇندو ڪمل ماءُ ، هيترو ته هو، تڏهن ڪان منهنجي وسوڏا هنج ۾ کڻي گهمائيندي هيس.“

وسوڏا جو ٻه چڙ من پرجي آيو، ”چاچي سڏينس نه ڪمل کي.“

”هاڻي ويندو ڪيڏانهن، .... تون ته اڃان ڪجهه ڏينهن هتي رهندينءَ ٿي.... ڪيستائين لڪندو، پاڻيهي هليو ايندو توسان گڏجڻ.“ چاچيءَ چيو.

وسوڏا کي لڳو ته سنيهه جي ڏور ڪيڏي نه مضبوط ٿي ٿئي، جو پنهنجو پرائو ڏسي ڪونه.

سانتونا چانهه کڻي آئي. ڪوپ ڇڏي جڏهن هوءَ وڃڻ لڳي ته وسوڏا چيو، ”امان، ڪيڏي نه وڏي ٿي وئي آهي پنهنجي سنتو .... ڪو گهر تڙ ڏٺو اٿوَ هن لاءِ ؟“ پليٽ ۾ اڌ چانهه وجهي وسوڏا، رڪما چاچيءَ ڏانهن چانهه جو ڪوپ وڌائيندي چيو، ”هان چاچي، توري چانهه پي وٺ.“

”نه ڌيءُ، تيلي ڏي ان مٽيءَ چانهه کي، انهيءَ چانهه ته هٿي نسن جو رت سڪائي ڇڏيو آهي، تون پي ڇڏ .... منهنجي ـــمي جي ٻه تون پي ڇڏ. مونکي هينئر چانهه جو خيال ٻه ـــ وندي.“ چئي، رڪما چاچي اٿي لڳي– ”ڇگو

ڪارڻ هو.

ماڻس ڳالهائيندي ٿي رهي، ”هوئڻ هنن وٽ ٻه ته هڪ پيءُ جي دل آهي ، ڏيءُ .... ڇا ، هو نه چاهيندو هوندو ته هنجي جگر جو آهو ٽڪرو ، هڪ دفعو اچي سندس گلهي ملي، جنهنکي ڏڪندڙ هٿن سان ڏوليءَ ۾ وهاري هو ڪانئس الڳ ٿيو هو.“

ماڻس پوءِ اوچتو چپ ٿي ويئي. هن ڏٺو ته سامهون سنجيه پئي آيو. وسوڌا کي آيل ڏسي، هن پنهنجا ڪتاب ڪٽ تي ٿي ڪلي ڦٽا ڪيا. ڊوڙندو وڃي وسوڌا سان ڳنڍيو. ”ديدي!“ هو پنهنجي ديديءَ کي چنبڙي پيو.

وسوڌا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

سنجيه روئي ڏنو - ”تون وڏي ھوءِ آهين، ديدي .... اسان کي ائين ڇڏي هلي ويئي آهين ، ڇو اسين تنهنجا ڪجهه لڳون ٿي ڪونه.... ڇونه آئينءَ تون هيترا سال؟“

’توهان سونکي اچڻ لاءِ لکيو به ڪٿي هو‘ - پر اهي لفظ هنجي زبان مان نه نڪتا. لفظ سندس گلي ۾ ئي ڪٿي اٽڪي پيا. سوچيائين: سنجيه اڃا ٻار آهي. هو ويچارو ڇا سمجهندو انهن ڳالهين کي.

ان ڪري سنجيه جي وارن تي پيار سان هٿ ڦيريندي وسوڌا چيو، ”اڙي مون تنهنجي لاءِ هڪ پين آندي آهي ، تنهنجي سونهري.“

”هان!“ هو وري ڀيڻ کي چنبڙي پيو - ”منهنجي مٺي ديدي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

وسوڌا آئي پنهنجي بئگ کولي، سونهري پين ڪڍي ۽ ان
سنجيم کي ڏني. پوءِ وري هڪ نئين ساڙهي ڪڍي ۽ ان
سانتونا کي سڏ ڪيو، ”سنتو، او سنتو. هيڏانهن ته اچ.“
آئي وارا هٿ ڌوئيندي، سانتونا ڪمري ۾ آئي، ”تو سڏ
ڪيو، ديدي.“
”ها، ڏس هيءَ ساڙهي ڪيئن آهي؟“
”سٺي آهي، ديدي.“
”توکي وڻي ٿي؟“
”هون.“
”هيءَ تون پاڻ وٽ رک.... مون تنهنجي لاءِ ئي آندي
آهي.“
سانتونا ڪو جواب ڪونه ڏنو. پر سندس چهري مان
وسوڌا کي لڳو ته هوءَ خوش هئي.
پٺس ڦيسين پاهران موٽي آيو. اندي ئي وسوڌا کي چيائين،
”وسو، تنهنجي لاءِ مچي وٺي آيو آهيان. توکي ڏاڍي
وڻندي آهي نه.“
ڪو جواب ڏيڻ بدران وسوڌا فقط تورو مرڪيو. هوءَ ٻيءَ
ڏانهن نهارڻ لڳي. ڪيس خوشي ٿي ته نهيو، ان بهاني ئي
سهي، پٺس سانس ڪجهه ڳالهايو ته سهين.
پٺس وري چيو، ”ها، ٻڌاءِ ڏي، اسانجي ناٿي صاحب جو
جو ڪم ڪار ڪيئن پيو هلي؟“
”سٺو پيو هلي.“
”گهڻن ڏينهن کان سانس گڏجڻ تي دل پئي ٿي.“ چئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو ٿورو رُڪجي ويو. وري چيائين، ”هونئن هڪ دفعي دهلي ويندي اتان لنگهيو به هوس، پر وري لٿس ڪونه.“

”اڇو ها نه.“

”ها، اڇان ته چونه ها ڏيڻ، پر تون ئي سوچ، ڦيريون دفعو سيٽن ۾ وڃڻ ڪو سولو آهي؟ ڪيترو نه خرچ ٿئي ها.“

وري ڇڻ ڳالهه جو رخ بدلائيندي چيائين، ”هونئن تنهنجي ساهرن جو سڀاءُ ڪيئن آهي؟“

”سٺو آهي.“

”سکي ته آهين نه، ڌيءُ.“

”ها.“ وسوڌا کي لڳو ته پٽس جو گلو ڀرجي آيو. نجاڻ ڪهڙي هڪ جهنڪار وسوڌا جي نسن ۾ ڦهلجڻ لڳي.

ان وچ ۾ وسوڌا جو ٻيبو ننڊ مان جاڳيو هو. هو روئڻ لڳو. سنجيه اڳتي وڌي ڪيس پنهنجي هنج ۾ کنيو. پٽس به آٿي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو. سنجيه ٻيبوءَ کي پچڪاريندو ٻاهر هليو ويو.

تڏهن ماڻس چيو، ”سچ پڇين ته وسو، هن دفعي به هننجي مرضي توکي لکڻ جي ڪانه هئي، مان ئي ضد ڪرڻ لڳس.... هنن کي ڇا آهي؟ هو نه چئيو وڃن، ڪَنَ ته منهنجا ڪاڇي ويا هئا. جيڪا زال گهر ۾ اچي، بس ڦيرين ڳالهه اها ئي — وسوڌا کي ڇا هن ساڻوڻ ۾ به ڪونه گهرائيندين؟.... اسين ته سڪون پيا ڪٿس ڏسڻ لاءِ.... ڪيترا سال ٿي ويا آهن.“

وسوڌا ڇا چوي؟ هوءَ چُپ رهي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدد ڪيئي ڪرين؟.... ڇڱو ڀوءِ گڏ جنداسين.... هينئر ٽورو جلدي ۾ آهيان.... اوکي.... سي يو.“

عجب مان وسوڙا پريا کي ڏسندي ئي رهجي ويئي. ڪيئن آئي، ڪيئن ويئي؟ ڪهڙو عجيب ڏيکاءُ هو اهو! وسوڙا ماءُ کان پڇيو، ”امان، هيءَ پريا ڪيتري نه بدلجي ويئي آهي!.... اڄا تائين هنجي شادي ڪانه ٿي آهي ڇا؟“

”نه ڌيءَ. تنهنجي هيءَ ساهيڙي نه صفا ڪَرجي ٻوهر ٿي ٻيئي آهي. پاڙي جو نڪ ئي ڪپائي ڇڏيو اٿس.... مان نه پنهنجي سنتوءَ تي هن منُئيءَ جو پاڇو به ڪونه پوڻ ڏيندي آهيان.“

”پر امان، پريا اهڙي هئي نه ڪانه.... هي سڀ اوچتو؟“

”نه ڌيءَ. اهو سڀ اوچتو ڪونه ٿيو آهي. حالتن ائين ڪرايو آهي. پٽس ڪي اڌ رنگ ٿي پيو آهي. ٽي سال ڪن ٿيا آهن، جو پاڻس گهران پڇجي ويو آهي. اڄ تائين پتو نه پيو آهي نه جيئرو آهي يا مري ويو.... مجبوري ڇا ڇا نٿي ڪرائي ڌي.“

وسوڙا هڪ دفعو نفرت وچان دروازي ڏانهن نهاريو. ائين، ڄڻ هوءَ پريا ڏانهن نفرت وچان نهاريندي هجي، يا شايد اڄ جي مجبورين ڏانهن.

وسوڙا هڪ ٿڌو ساهه کنيو.

ان کانپوءِ ڪجهه دير ماءُ ۽ ڌيءُ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون رهيون. سنان پاڻي ڪري وسوڙا پاڙي ۾ پنهنجين ساهيڙين يا ڄاتل سڃاتل ڇوڪرين وٽ ويئي هئي. شام جو جڏهن

ماڻهن ڪيس بچائي ورتو آهي.“

.... ته گذريل ڪجهه سالن ۾ هن گهر ۾ ايترو ڪجهه ٿي گذريو آهي! وسوڌا جوڳلو پرجي آيو. ڪجهه دير لاءِ لفظ هنجي زبان تي اٽڪي پيا. پوءِ ڌيري هن پڇيو، ”اڄ وري ڇا ٿيو آهي؟“

ماءُ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. پربل ڳلي سان چيائين، ”اڄ تون جو آئي آهين ڌيءُ.“

وسوڌا جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين کسڪي ويئي. ”ماں!.... مون ڇا ڪيو آهي اماں؟“

”ڪجهه ڪونه ڪيو اٿيئي ڌي.... ڪجهه ڪونه ڪيو اٿيئي.“

”ته پڌاءِ امان. حقيقت ڇا آهي؟“

”ڇا ٻڌي ڪندين ڌيءُ. انڪان ته مان مري وڃان ها ته سٺو ٿئي ها. پوءِ ڪا موهه جي، ممتا جي ڏور ته نه هجي ها. هاڻي جيئري آهيان ته موهه آهي ته پنهنجي ڌيءُ کي ڏسڻ ڪانسواءِ ٿئي رهي سگهان. خط مون ئي توکي لکرايو هو ڌيءُ.“

وسوڌا کي اڃا به ٺيڪ طرح ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. هوءِ سوالي نگاهن سان ماءُ ڏانهن نهارڻ لڳي.

ماءُ وري چيو، ”تون اڄ ته آئي آهين، ڌيءُ. ۽ ڪهڙو آهي اهو هڪ پيءُ جو موهه! هنن اڄ ئي پڇڻ شروع ڪيو آهي ته– وسوڌا آئي ته آهي، پر رهندي ڪيترا ڏينهن؟ ڪهڙا ڏينهن رهائڻ جي، يا ڪيس ۽ سندس ٻار کي کارائڻ جي

همت مون ۾ ڪانهي. پڇينس ته، ڪڏهن ويندي؟ـ هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ڏيءَ ڪهڙي ڏاڍي ماءُ پنهنجي ڌيءَ کان اهو پڇندي، ته ڌيءَ، تون اڃا ته آهين، پر ويندينءَ ڪڏهن؟.... مان مري ڇونه ويس.... مان مري ڇونه ويس.“ ماءُ وري روئڻ لڳي.

ڪجهه دير ماٺ ميٺ ۾ وسوڏا نجاڻ ڇا سوچيندي رهي، پوءِ وري ڪيس لڳو، ڄڻ پنهنجي ئي گهر ۾ ڪنهن اجنبيءَ جيان هوءَ هلي آئي هئي.

ڪيس ڪجهه به مٺو نه پئي لڳو. ڪيس لڳو ته پنهنجي ئي گهر ۾ اڄڻ جي سندس خواهش، ڪيڏي نه اجائي، ڪيڏي نه ڪوڙي هئي.

رات جو ڪافي ڪوشش جي باوجود به ڪيس ننڊ نه پئي آئي. پيءُ جي، چيل لفظن تي ڪافي دير تائين هوءَ سوچيندي رهي.

پوءِ ڪافي سوچ ويچار ڪانپوءِ ڪيس لڳو ته اهي لفظ هڪ پيءُ جي موهه ڪونه چيا هئا.... پيءُ جي مجبورين چيا هئا.... اڄ جي حالتن چيا هئا.

وسوڏا کي لڳو ته اڄ جي حالتن انسان کي ڪيترو نه مجبور ڪري ڇڏيو آهي، جو هاڻي ڪيس موهه ممتا جا ٻنڌن به نٿا جڪڙي سگهن،

ڪيس لڳو، ڄڻ هوءَ ڪنهن پرائي گهر ۾ سمهي پيئي آهي. اکين ۾ آيل لڙڪ اگهي، هن سمهڻ جي ڪوشش ڪئي....

”ها....“ ڪجھ دير چپ رهڻ بعد، پيءُ نرم آواز ۾ چيو،
”پر ڏس ، تون ڪيس ڪجھ چئجانءِ نہ. سڀ ٺيڪ ٿي
ويندو. هڪ ٻن ڏينهن جي ئي تہ ڳالھ آهي....“
اوچتو چار پنج ٻار اندر ڊوڙي آيا ۽ اچي هڪي چنبڙي
پيا. سڀ ٻار پنهنجي پنهنجي فرمائش ڪرڻ لڳا. ڪنهن
موضوع جي وچ ۾ ٻارن جو گوڙ هنگي سلو ڪونہ لڳو. پر
تڏهن بہ ٻارن جي دل بهلائڻ لاءِ ڪجھ دير هو انهن سان
ٻاراڻيون ڳالهيون ڪندو رهيو.
ڪجھ دير بعد پيءُ وري ڳالهايو ، ”ماڻهين سان گڏيو
آهين؟“
”ها. سويل بات روم ڏانهن ويندي ويندي، سندس ڪمري
مان بہ ٿي آيس.“
پڙس چيو ، ”ڏٺئہ نہ، ڪيڏي ڪمزور ٿي ويئي آهي. اهڙي
ڪا ڪني بيماري اچي لڳي اٿس ، جو پاسو ورائڻ ۾ بہ
ويچاريءَ کي تڪليف ٿي ٿئي.“
پٽ کي گرمي محسوس ٿيڻ لڳي. اٿي هن پنکي جو ريگيوليٽر
گهمايو. وري پڇيائين، ”ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟“
”ڊاڪٽر ويچارا ٻاڻ منجهي پيا آهن.... وچ ۾ هڪ ڏينهن
تہ اهڙي حالت اچي خراب ٿيس، جو کيس سرڪاري اسپتال
۾ کڻائي وياسين. ڪجھ ڏينهن لاءِ ٺيڪ ٿي ويئي. گهر اچڻ
کانپوءِ وري بہ اهائي حالت....“
پٽ چيو ، ”نہ پوءِ آمان کي مونوٽ ڇو نٿي روانو ڪيو؟
ان ٻاري ۾ مون ٽوهانکي بہ چار دفعا اڳ لکيو بہ هو....

پيرين پيو. آشير واد ڏيئي پاڻس پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. هنڪي اهو تمام عجيب عجيب لڳو. ڪيس ياد آيو، ته هوئنن ياڻ هميشه ڪيس پاڪر پائي ڪڏجندو هو، پر اڄ محض سدا چار جي ناتي، هو آشيرواد ڏيئي اندر هليو ويو. هن ٻيءَ ڏانهن نهاريو. پڻس هنجي نهارڻ جو مطلب سمجهي ويو. تمام نرميءَ سان، ڌيمي آواز ۾ ٻٽ کي چيائين، "اندر وڃي حال احوال وٺي اچيس."

نه چاهيندي به هو اندر هليو ويو.

نندي ياڻ کي اندر آيل ڏسي، وڏو ياڻ صرف ٿورو ٿڪو مرڪيو ۽ چيائين، "ويهه، ويهه. مان هٿ منهن ڌوئي اچان ٿو."

هٿ منهن ڌوئي اچڻ بعد ٽوال سان جسم اگهندي وڏي ياڻ پڇيو، "ڪهڙي گاڏيءَ ۾ آئين؟"

"هڪ واري گاڏيءَ ۾." ٿورو نرمي وري چيائين، "گاڏي اڄ ٿوري ليٽ پهتي. رستي تي ڪنهن گاڏي ۾ مسافرن جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿي پيو. انهن زنجير ڇڪي اجايو گاڏي ليٽ ڪري ڇڏي."

وڏي ياڻس ان جو ڪو جواب ڪونه ڏنو. صرف چيائين، "روٽي کائيبي؟"

"نه، گاڏي اٿس." ڪن نرمي هن وري چيو، "هوئنن منهنجي مرضي هئي ته رات جو پاڻ گڏ کائينداسين.... پر ماما اڇي ويو هو، ۽ ان جي آخري بس نوين وڳي نڪري ويندي آهي. ان کي اٿين ٿي ٿورو ساڻ ڏيڻ لاءِ، ان سان

ڪڍڻي....“
وڏي ڀاءُ هڪ اوٻاسي ڏني، محض ڪجهه ڳالهائڻ خاطر ٻئي
ڇيو، ”ها، ها، ٺيڪ آهي.“
هنکي لڳو ته وڏي ڀاءُ جي ڳالهائڻ ۾ اها اڳين جهڙي ڪا نه
هئي. ان ڪري ڇيائين، ”ڇڱو، توهان روٽي ڪائي وٺو
مان ٿيسين ٻاهر بابا وٽ ويٺو آهيان.... روٽي ڪائي اچي
پوءِ اتي ڳالهائينداسين....“
وڏي ڀاءُس چيو، ”نه. هيئنر ته بس، مان روٽي ڪائي سمهي
پوندس.... تمام گهڻو ٿڪل آهيان. دڪان اڄ ووڳي کان
بند ڪيو هوم. وري تنهنجي شاديءَ لاءِ اڃا ڪجهه شيءِ
وغيره رهيل هئي، اها وٺندو آيس. ڪافي پنڌ ڪرڻو پيو
آهي. ان ڪري هاڻي آرام ڪندس. وري صبح جو
ڳالهائينداسين.“
”ڇڱو ٺيڪ آهي.“ چئي هو ٻاهر نڪري آيو. هنکي ان
ڳالهه تي ڪافي عجب لڳو ته ننڍو ڀاءُ، وڏي ڀاءُ سان
بلڪل سِڌي اُٺن مهنن ڪان پوءِ گڏيو آهي ۽ وڏي ڀاءُ کي
ننڍي ڀاءُ ڪان وڌيڪ، آرام پيارو آهي.
ٻاهر نڪرندي هُنَس پڇيو، ”ڀاءُ سان ڳالهائي آئين؟“
”ها.“
”ڇا چيائين؟“
”ڪجهه نه. اٿين ٿي بس ٿورو.... ڀاڻو ٿورو ٿڪل آهي
چيائين وڌيڪ صبح جو ڳالهه ٿينداسين.“
”هون.“ هُنس سڀ سمجهي ويو. ڪن ٿرسي ڀريل آواز ۾ وري

## هڪ ڏينهن اڱڻ ۾...

پروتيما جي نظر ٻوڙهيءَ چندر واڌواڻي ڏانهن نهارڻ لڳو. پروتيما جي اکين تي نظر جو هڪ ٿلهو چشمو چڙهيل هو. وار سندس سڀ اڇا ٿي ويا هئا. چهري تي عمر، وقت سان گڏ ڪي آڏوٽيڙا نشان ڇڏي ويئي هئس.

پروتيما سان گڏ هڪ سنهڙي ڇوڪري به هئي، جنهنجي نهار مان چنچلتا پئي بکي.

چندر اڳتي وڌي ويو، "پروتيما آهين؟"

"ها." پروتيما واڌواڻي جواب ڏنو.

"سڃاڻين ٿي؟"

پروتيما هڪ دفعو اکين کي آڇا به کڄهه ويڪرو ڪري چشمي جي ٿلهن شيشن مان چندر ڏانهن گهوري گهوري نهاريو - "چندر آهين؟"

"ها."

خوشيءَ وچان پروتيما جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. ڌيءَ ڏانهن نهاري چيائين، "آڙي آمي، سڃاڻين ٿي چندر کي؟"

ڇوڪريءَ عجب ۽ اڻ ڄاڻائيءَ وچان چندر ڏانهن نهاريو. پروتيما چيو، "نٿي سڃاڻين؟.... آڙي ڇوڪلي! چندر انڪل کي نٿي سڃاڻين؟"

ڇوڪريءَ وري به ساڳئي انداز سان نهاريو.

پروتيما تنهن تي وري چيو، "توکي ياد آهي، آمي، چندر انڪل پنهنجي گهر ايندو هو.... ۽.... ۽ پيار جي هڪ

آمبيڪا جي وارن تي پيار سان هٿ ڦيري چندر چيو، ”ها آ، وڏي نہ ٿي ويئي آهي.“

پروتيما چيو، ”هتي هڪ ننڍو ڇوڪرو خيال ۾ هو.۔ ۽ ڪجهہ ڳالهہ ڪئي بہ ٿي ويئي هئي. پر پوءِ سوچيم. تہ ڳالهہ پڪي ٿيڻ کان اڳ پلي، آمبي ۽ ڇوڪرو هڪ ٻئي کي ڏسن.“

ڳالهين ڳالهين ۾ ريسٽارنٽ اچي ويئي. آمبيڪا چيو، ”ممي، منهنجي ڪافي پيئڻ جي موڊ ڪانهي.... توهان اتي ويهو، مان ٽيهن بزار ڏسي ٿي اچان.“

”پلي پلي.“ چئي پروتيما آمبيڪا کي اجازت ڏني، چندر سان گڏ اندر لنگهي ويئي. هڪ ٻئي جي سامهون ويهڻ بعد پروتيما هڪ هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، ”ڏس چندر. پاڻ ٻئي ڪيڏا نہ پڙا ٿي ويا آهيون. تڏهن آن عمر ۾ پاڻ ڪڏهن ائين سوچيو بہ ڪونہ هو، تہ اسين ڪو هيئن پڙا ٿي ونداسين ۽ هيئن هڪ ڏينهن اوچتو گڏ جنداسين. جڏهن ’پيار‘ جهڙي ڪنهن لفظ کي ڪٿي، اسانجا ٻار بہ انجي معني سمجهي سگهندا.... ها چندر. توکي تہ ہہ پٽ هئا، هڪ ڌيءَ هئي.... انهن جو ڇا ٿيو؟“

”ڌيءَ تہ مون ۾ سال اڳ پرڻائي ڇڏي. وڏو پٽ ملٽريءَ ۾ آفيسر آهي. ان کان ننڍو پٽ ڪانپور ۾ ڊاڪٽر آهي. ۽ گذريل ويهن سالن ۾ پاڻ هڪ ٻئي سان نہ گڏ ياسين. آن دؤران ۾ مونکي ٽي پٽ پيا بہ جاوا هئا، سي هاڻي پڙهندا آهن.“

پروتيما جي اکين ۾ خوشي پرجي آئي– ”چندر، آمبيءَ کان ننڍو جيڪو منهنجو پٽ آهي– وِملُ– سو هاڻي ايم-اي ۾ آهي.“
ان وچ ۾ چندر پنهنجي کيسي مان پرس ڪڍي پروتيما ڏانهن وڌائيندي چيو، ”هان، ڏس. هن ۾ منهنجي وڏي پٽ جو فوٽو اٿيئي. ڪيئن سچ پچ لڳي ٿو نه ڪجهه....“
چشمي مان گهوري گهوري پروتيما فوٽو کي جاچي جاچي ڏٺو ۽ پوءِ اکين ۾ ڪجهه شيطاني پرجي آيس، ”ڏس چندر، هنکي جي هيءَ وڏيون وڏيون مڇون نه هجن، ته بلڪل تنهنجي جوانيءَ جهڙي شڪل تي لڳيس.“
چندر جي اکين ۾ به پيار پرجي آيو. چيائين، ”ها، سڀ ائين چوندا آهن....“
”۽ لڳي به تو جهڙو شيطان ٿو. ياد آٿيئي چندر، تون ڏينهن مان تنهنجي مسز جي سامهون به توکي ’شيطان‘ ڪري سڏيندي هئس.... آڙي ها، تنهنجي مسز جا ڪهڙا حال آهن؟“
”ٺيڪ آهن.... اها به نه ٿي وانگر هڏي تي وئي آهي.... پر توکي ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ياد ڪندي آهي.... سچ پڇاڻيءَ.... ڪڏهن ڪڏهن تو لاءِ روئندي به آهي.... ۽ پروتيما. اڄ هيترن سالن بعد توکي اها ڳالهه ٻڌايان ٿو، ته جوانيءَ ۾ ئي تنهنجي وڏوا ٿي وڃڻ تي، اسان ٻنهي کي توتي ڏاڍو رحم ايندو هو.... پر اسان ڪڏهن به، تنهنجي سامهون اِن ڳالهه جو اظهار يا ڏيکاءُ نه ڪيو هو.... صرف

پرجي آيو آهي....“ وري ٿوري دير بعد پنهنجي آواز کي توازن ۾ آڻي پروتيما چيو، ”چندر، تون اڄ مونکي چماٽ هڻ....“

چندر واڻن وانگر پروتيما ڏانهن نهارڻ لڳو. پروتيما چيو، ”ڏس چندر، تون پلي اهو پلجي ويو هجين، پر مونکي اڄ به ياد آهي، ته تن ڏينهن تون خبر ناهي ڪهڙن ودرره پاسنيهه وچان مونکي چوندو هئين ته هڪ چماٽ هڻ ڏي.... پر هر دفعي مون تنهنجي ان ڳالهه کي ٽاري ڇڏيو هو.... اڄ تنهنجي پروتيما توکي پاڻ ئي چوي ٿي- ته چندر، اڄ، مونکي چماٽ هڻ....“

”نه پروتيما. هيترن سالن جي تپسيا کي مان اڄ ڀنگ ٿيڻ نه ڏيندس- نه، پروتيما، نه.“

”تپسيا؟“

”توکي شايد وسري ويو آهي، پر مونکي سڀ ياد آهي، پروتيما ته جڏهن پهرين مون توکي ڏٺو هو، تڏهن منهنجي نظر ۾ تو لاءِ واسنا پريل هئي، پر پوءِ وري جڏهن مونکي خبر پيئي، ته تون هڪ وڌوا آهين- جوانيءَ جي چانئٺ تي ئي ڪال جنهن جون خوشيون ڇني ورتيون هيون- تڏهن منهنجو من بدلجي ويو هو ۽ مون توکي چيو هو: ته زندگي ڀر مان ڪڏهن تنهنجي چم کي نه ڇهندس.... چماٽ مان توکي تڏهن به ڪونه هڻان ها، پر چاڪاڻ جو تون تڏهن ان ڳالهه تي ڪجندي هئينءَ، انڪري توکي ستائڻ ۾ مونکي ٿورو سک ملندو هو.“

ڪو به جواب ڏيڻ بدران چندر صرف هڪ دفعو پروتيما
جي چهري ڏانهن گهوري گهوري نهاريو.
ڪجهه دير بعد چندر چيو، "چڱو پريتي، جيسين هتي
آهين، تيسين روز پاڻ هن ريسٽارنٽ ۾ گڏجندا سين....
ايندينءَ نه؟.... ۽ ها، سڀاڻي اڪيوءَ هتان تنهنجي گهر
هلجانءِ .... مان اڄ مسز کي ٻڌائي ڇڏيندس ته تون هتي
آئي آهين.... توکي ٻڌايم نه، ته توکي ڏسي ڏاڍو خوش
ٿيندي.... ۽ پوءِ پروتيما. اتي شايد ڳالهين ڳالهين ۾ هڪ
دفعو وري پنهنجا آهي مثل سال جاڳي آڻن ۽ شايد ...."
چندر کي وچير ئي کپي پروتيما چيو، "چندر، ڏس، تون
اڄ وري پراڻو چندر ٿيڻ ٿو چاهين."
"ها پروتيما، مان چاهيان ٿو اهوئي ته، ته جيسين هتي آهين،
تون آها ئي پراڻي پروتيما هجين ۽ مان اهو ئي پراڻو
چندر...."
پروتيما ڪجهه چوڻ چاهيو ٿي، پر سامهون امبي کي
ايندو ڏسي، ڪجهه ڪونه چيائين.
ريسٽارنٽ کان ٻاهر نڪري چندر پڇيو، "امبي، توکي
اسانجو شهر ڪيئن لڳو؟"
"انڪل، سچ ٻڌايانو، مونکي ڏاڍو وڻيو. تمام شانتيءَ
واري حياتي آهي.... اجائي هل - پٽ ڪانهي...."
مذاق ڪندي چندر چيو، "امبي، اهو تون ان ڪري ته
ڪونه ٿي چئين، ڇاڪاڻ جو هاڻي توکي هن شهر ۾ ئي
رهڻو آهي...."

”نو، نو، آنڪل، سچ پچ.... پهاڙ هونئن به مونکي ڏاڍا وڻندا آهن.“ وري پروتيما ڏانهن نهاري، ڇڻ ڪانئس شاهدي ڏيارڻ لاءِ چيائين، ”ممي، تون ٿي ٻڌاءِ، مونکي پهاڙ وڻندا آهن نه؟“

پروتيما صرف هاڪار وچان ڪنڌ لوڏيو.

مارڪيٽ ۾ آچي چندر هڪ جنرل اسٽور تي چڙهيو. آمبي تيسين سامهون هڪ ريڊي - ميڊ ڪپڙن جي دُڪان تي لڳل شو - روم ۾ سويٽر وغيره ڏسڻ لڳي.

جنرل اسٽور واري کان چندر ’هيئر ڊاءِ‘ جون ٻه ٽيوبس ورتيون. هڪ ٽيوب پروتيما ڏانهن وڌائي چندر چيو، ”هان پريتي، سياڻي وارن کي هيءَ لڳائي آڇج. مان به آپلاءِ ڪري ايندس. ۽.... ۽ پوءِ پروتيما، سياڻي سپنن جا آهي لاش وري زنده....“ ايتري ۾ آمبي واپس هلي آئي. چندر جي ڳالهه اِنڪري اڌ ۾ ئي رهجي ويئي.

ٽئي چپ ٿي ويا ۽ واٽون وانگر هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا.

هوڏانهن آمبي اهو طئي نه ڪري سگهي ته اوچتو ئي سندس ممي ۽ چندر آنڪل کي ڇا ٿي ويو هو.

هونئن ٻي، هنن ڏينهن ۾ ڪيس اُنهن محسوس ٿيندو رهيو هو ته مائس رات جو ڪافي ڪافي دير تائين پيٽ ۾ ڪنگهندي هئي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنگهندي ڪنگهندي سندس ڦڦڙ ڪمزور ٿي ويا هجن، ۽ ان ڪري ٿي سندس ٽڪ ۾ ڊاڪٽر کي ٿورو ٿورو رت نظر آيو آهي.

ڊاڪٽر جي صلاح مجي هن ماءُ کي پرتي ڪرايو. ويندي ويندي ماءُ کي آٿت ڏيندو ويو ته ڊڄڻ يا گهٻرائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. ڪا اهڙي خاص بيماري ڪانهي. ڊاڪٽر ٿورو اُنهن ٿي چڱي طرح جاچڻ ٿو چاهي. پلي جاچي هونئن، سندس ڪپڙا وغيره کڻي هو شام جو اسپتال وري ايندو. هتون هت هيئر ويندي ويندي، بزار مان هو ٿرماس وٺندو ويندو. جيئن وقت بوقت چانهه-کير وغيره گهران ٿي کڻي اچي سگهي.

رستي تي پنهنجي هڪ دوست جي دڪان تان، اوڌر تي، هن هڪ ٿرماس ورتو. گهر آيو ته ڏٺائين، جوئس آرام سان چانور سوئي رهي هئي.

زال کي هن مجي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڪيئن مائس جي ٽڪ ۾ ڊاڪٽر کي ٿورو ٿورو رت نظر آيو ۽ ڊاڪٽر کيس صلاح ڏني ته هو ماءُ کي اسپتال ۾ پرتي ڪرائي وڃي.

تڏهن ڳالهين ٿي ڳالهين ۾ جوئس کيس چيو، ”آ-ي“ کي اها مٺي پيڙي چڪڻ جي عادت نه رکڻ ڪپندي هئي. چوندا آهن: تماڪ مان گهڻيون ٿي بيماريون پيدا ٿينديون آهن.“

جوڻس به ان ڳالھ سان سهمت هئي.
ڪجھ وقت تائين هو اهڙيون ڳالهيون ڪندا رهيا. بيمارين جي اڻ پوري ڄاڻ هئڻ ڪارڻ، هو ڪنهن صحيح فيصلي تي نه پهچي سگهيا. شام ٿي ته ٻار به اسڪول مان موٽيا.
تڏهن وري ڪيس خيال آيو ته ماءُ لاءِ هو شام جي چانھ نه ڪٿي ڪونه ويو آهي. اڪثر شام جو ڇهين ساڍي ڇهين وڳي ماڻس کي چانھ پيئڻ جي عادت هئي. هينئر ساڍا پنج وڳا هئا.
جوءِ کي هن چانھ ٺاهڻ لاءِ چيو. جيئن جوڻس چانھ ٺاهي اچي، تيسين هو ٿرماس جي مٿان لڳل ليبل پڙهڻ لڳو. ڪيس لڳو ته ٿرماس ڪنهن سٺي ڪمپنيءَ جو هو. ڪئين ڀيرا اُن ڪمپنيءَ جا اشتهار هو الڳ الڳ اخبارن خواه مخزنن ۾ پڙهي چڪو هو. ڪيس ٿوري خوشي ٿي ته نيڪ آهي، ماءُ جي بيماريءَ ۾ گهر جي هڪ شيءِ ته نهي پيئي. پئسا ته هو دوست کي پهرين تاريخ تي ڏيندو.
ماءُ لاءِ چانھ ڪٿي هو اسپتال پهتو. اُتي پهچي هن ماءُ کان پڇيو، ”ڊاڪٽرن ڪجھ ڏنو؟“
رواجي طرح ماڻس چيو، ”ها.“
پر هنجي اُتاوليءَ ڪيس چپ رهڻ نه ڏنو، ”هنن ڪجھ پڇيو هوندو؟“
”ها آ آ آ... گلي لاءِ پڇيائون پئي تـه سور گهٽيو ٿيندو آهي ڇا؟“
”پوءِ.... تو ڪهڙو جواب ڏنو؟“

"مون چيو: ها ٿيندو آهي.... ۽ ڪڏهن ته اٿين لڳندو آهي، ڄڻ ڳلي جي اندر ڪا شئي چڀي رهي هجي.... يا وري ڄڻ ڪو ڪينٽون اندر سرڪندو هجي.... يا ڪجهه اٿين ٿي .... حقيقت ۾ مونکي ڇا ڇا ۽ ڪيئن ڪيئن لڳندو آهي، مان ٺيڪ طرح ٻڌائي نه ٿي سگهيس."

تڏهن وري ڪيس لڳو، ڪا خاص ڳالهه ڪانه هوندي. امان کي ٻيڙي ڇڪڻ جي عادت آهي، ڪڏهن ڪڏهن وڌيڪ ٻه ٻيڙيون ڇڪيندي آهي. ان ڪري ڳلو سر سر ڪندو هوندس، ۽ امان کي لڳي ٿو، ڄڻ اندر ڪو ڪينٽون آهي.

هن وري ماءُ کان پڇيو، "پوءِ هنن ٻيو ڪجهه چيو؟"

"الائجي .... اول ته ڊاڪٽرن پاڻ ۾ ٿي ويٺي ڳٽ مٽ ڪئي. اها مُوئي انگريزي ته مونکي سمجهه ۾ اچي ڪانه.... ها باقي، ويندي ويندي چئي ويا ته سياڻي هو وري ڏسندا، پوءِ ٿي ڪجهه ٻڌائيندا."

تڏهن اوچتو هڪ اڻ چاتل ڊپ هنجي من ۾ آئيو، ته شايد ڪا اهڙي جهڙي بيماري آهي، جو ڊاڪٽر سياڻي به ڏسڻ ٿا چاهين. نه ته ڳلي جي سر سر کي پرکڻ ۾ ڊاڪٽرن کي ايڏي ويرم ٿورئي لڳڻي آهي.

تڏهن ڪيس لڳو، ته امان کي ڪٿي ڪئنسر ته ڪونه ٿي پيئي آهي؟

اهو ويچار ايندي ئي سندس انگ انگ ۾ ڏڪڻي وني ويئي. گهر اچي هن جوءِ کي چيو ته، "منهنجو انو-ان آهي ته امان کي ڪٿي ڪئنسر ته ٿي پيئي هجي."

ڏانهن هليا ويا. تڏهن مسٽر ڪانٽس پڇيو، ”ڊاڪٽرن ڇا چيو؟“

هن بيماريءَ جو نالو اڪائڻ چاهيو. چيائين، ”ڊاڪٽر چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن توکي هتي اسپتال ۾ رهڻو پوندو. چيائين ته آپريشن ٿيندو. تو چيو هئي نه، ته ڪاڏو ڪائڻ وقت يا پاڻي پيئڻ وقت توکي گلي ۾ ڪجهه تڪليف ٿي ٿئي ۽ توکي گلي ۾ ڪيئين جهڙي ڪا چيز سرڪندي محسوس ٿي ٿئي، سو شايد آن ڪيئمن وغيره کي ڪڍڻ لاءِ آپريشن ضروري هوندو.“

مانس پڇيو، ”آڇا؟.... ته ڊاڪٽر به چيو ته ڪو ڪينٽون-پينٽون آهي؟“ کيس لڳو ته اها ڳالهه پڇندي مانس جي شڪل لهي ويئي هئي.

تڏهن هن چيو، ”نه، ڊاڪٽر ته ائين ڪونه چيو. پر مان سمجهان ٿو ته شايد ائين ئي هوندو. نه ته پهرين آپريشن جي ڪهڙي ضرورت هئي.“ تڏهن وري کيس لڳو ته هاڻي کيس ڳالهه جو رخ بدلائڻ کپي. انڪري وري چيائين، ”چڱو.... مان وري شام جو ايندس. تنهنجا ڪپڙا به کڻندو ايندس. هينئر ته مان انڪري ڪونه کڻي آيس ته متان هو توکي پرتي ڪرڻ ضروري نه سمجهن.... پر خير، هاڻي ته ڊاڪٽرن چيو آهي ته آپريشن ٿيندو. جڏهن آپريشن ٿي ٿيندو ته توکي ڪجهه ڏينهن هتي ضرور رهڻو ئي پوندو.... ته هينئر ته مان گهران ٿيندو سڌو آفيس ويندس. شام جو وري هتي ايندس.“

ايترو چئي هو گهر هليو ويو. گهر اچي هن زال کي چيو،
”ڏٺئه نه. اهو ئي ٿيو، جنهنجو مونکي ڊپ هو.“
جوڻس به ڳالهه سمجهي وئي. چيائين، ”چا، ڊاڪٽر به چيو
ته ڪئنسر اٿس؟“
”ها.“
”پوءِ؟“
کيس لڳو ته پاڻ به اهو ئي سوال پڇڻ ٿي چاهيائين، پر
جوڻس اڳ ۾ ئي پڇي ورتو آهي.
جواب ۾ هن چيو، ”پوءِ ڇا؟ تنهنجي يا منهنجي هٿ ۾
ڇا آهي؟ آپريشن ته ٿيندو ئي.“
پوءِ ڪجهه دير لاءِ ٻئي چپ رهيا. وري سندس زال ئي
ڳالهايو، ”هڪ ڳالهه چوان؟.... دل ۾ ته نه ڪندا؟“
”ڇا؟“
”مون.... مون سوچيو پئي ته هيءَ بيماري ڪا اهڙي جهڙي
ته آهي ڪانه. ۽ اهو به ضروري ڪونهي ته آپريشن ڪو
ضرور پرو ڪامياب ٿئي ئي. سچائي ٿي سگهي ٿو ته آهيءَ کي،
ڀڳوان نه ڪري، ڪجهه ٿي پوي، ته پاڻ وٽ ته ڪريا-ڪرم
لاءِ پئسا به ڪونهن.“
تڏهن ٿوري مرڪي هن چيو، ”سچ ته اهو آهي ته آهڙو
ويچار منهنجي من ۾ آيو هو. پر مون اها ڳالهه صرف ان
ڪري زبان مان نه ڪڍي، ته متان تون ائين سوچين ته
پنهنجي ئي ماءُ لاءِ مان ڪهڙيون ڪهڙيون آشيڀ ڳالهيون
ٿو سوچيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جونس چيو، ”پوءِ پلا؟“
وري چئي خود ٿي مسئلي جو حل ڳولهيندي چيائين،
”نوهان هيئن ڪريو.... جيسين علاج هلي ۽ آپريشن وغيره
ٿئي، تيسين پنهنجي پي. ايف مان ڪجهه پئسا ڪڍائي
رکو.... آن گهڙيءَ ڪنهنجي سامهون هٿ ڦهلائڻو نه
ڪونه پوندو.“
زال جي ڳالهه ٻڌي، هو ڪجهه دير لاءِ چپ چاپ
سوچيندو رهيو.
هونئن هر سال هو پي. ايف مان پئسا صرف تڏهن
ڪڍائيندو آهي، جڏهن اسڪول کلڻا هوندا آهن. تڏهن
ٻارن جون اسڪولي ڊريسون، فيون ۽ ڪتابن وغيره جو
ايترو ته خرچ نڪري ايندو آهي، جو پگهار مان ته انهن
خرچن جي پورت پوندي ڪونهي. ان ڪري هو پي. ايف.
مان پئسا ڪڍائي، انهن ضروري خرچن کي منهن ڏيندو
آهي.
پر هاڻي ڪيس لڳي ٿو ته جونس جو سوچڻ به ٺيڪ آهي؛
آن عين موقعي تي هو ڪنهنجي سامهون هٿ ٽنگيندو؟
مونجهاري ۾ ڪيس ڪجهه سجهيو ئي ڪونه ٿي.
آفيس اچي هن پي. ايف. مان ڪجهه پئسا ڪڍائڻ لاءِ
فارم پريو.
شام جو هو ماءُ جي لاءِ ڪجهه ڪپڙا ۽ ترساس ۾ کيو
ڪٽي اسپتال ويو. ماٽس اڪين تي چشمو چاڙهي ڪو ڌرمي
ڪتاب پڙهي رهي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جسم ڏانهن، ان خيال کان، يا ابترو ڏيهان سان ڪونه نهاريو هو. پر اڄ اسپتال ۾، ٻين مريضن کي ڏسندي ڏسندي، جڏهن هن ماءُ کي ۽ هڪ مريض جي روپ ۾ غور سان ڏٺو، ته کيس لڳو ته ماءُ جي چمڙيءَ ۾ ڪيڏا نه گهنج پئجي ويا آهن ۽ ان چمڙيءَ مان هڏيون ڪيئن نه صاف ڏيکاري پيون ڏين. تڏهن وري کيس لڳو، ته شايد ڪمزوريءَ جي حالت ۾ ڪنهن جو آپريشن نه ڪندا هوندا، يا وري شايد ڪي طاقت جون دوائون ڏيئي پوءِ ئي آپريشن ڪندا هوندا.

بي. ايف مان پئسا ڪڍائي ورتا.
پوءِ هنجي لاءِ اهو چڱ هڪ روزانو نيم ئي ٿيو هو، ته هو ماءُ لاءِ ضروري شيون کڻي ويندو هو. ماءُ سان ۽ ڊاڪٽرن سان ڪجهه ڳالهيون ڪندو هو، ۽ واپس گهر هليو ايندو هو.
تڏهن، هڪ ڏينهن کيس محسوس ٿيڻ لڳو ته ڏيري ڏيري هاڻي هو پي. ايف جي پئسي مان ڪجهه پئسا ڪڍندو ٿو رهي. کيس هاڻي ان ڳالهه جي ڳڻتي اچي لڳي هئي، ته ڪٿي ائين نه ٿئي ته ربيا انيز ئي ماءُ جي علاج-ڀلاج ۾ ختم ٿي وڃن، ۽ جنهن ڪم لاءِ هن پي. ايف مان پئسا ڪڍايا هئا، اُن وقت، اُن ڪم لاءِ، وري کيس ڪٿي ڪنهنجي سامهون هٿ ڦهلائڻو پوي.
جونس ۾ وچ وچ ۾ ڪڏهن اسپتال ويندي هئي. تڏهن


Scanned with CamScanner

ڪيس ٻڌندو هو ته گهر ۾ ته مسٽس روز ڪنهن نه ڪنهن
ڳالهه تي ساڻس اٽڪي پوندي هئي، پر، هتي اسپتال ۾ هوءِ
ڪيڏو نه مٺو ٿي ڳالهائي. تڏهن وري هڪ ٻڌل ڳالهه ۾
ڪيس سچائي محسوس ٿيڻ لڳي، ته ماڻهو جڏهن مرڻ وارو
هوندو آهي، تڏهن مٺو ٻوليندو آهي.
۽ ائين هئڻ جو شڪ، پڪ ۾ بدلجي ويو ته ٻيڙي هاڻي
بچندي ڪانه.

ڪجهه ڏينهن بعد آپريشن ٿيو. اُن ڏينهن، صبح کان ئي وٺي
ٽ ڊاڊو اُداس هو. ڊاڪٽر هڪ ڏينهن اڳ ڪانٽس لکائي
ورتو هو ته آپريشن جي دوران، جي ساڻس ڪي ڪجهه ٿي
پيو ته هو ان ڳالهه لاءِ ذميوار نه رهندا.... تڏهن ڪيس پنهنجو
چور ڪانڌ لڳو، ته جڻ هو خود ٿي لکي ڏيئي آيو هو، ته
ڪيس ڪو اعتراض نه ٿيندو، جيڪڏهن سندس ماءُ مري
ٿي پوي.
جوئس به اُن ڏينهن اُداس هئي. ڪيس جڻ ائين محسوس
ٿيڻ لڳو، ته هاڻي ڪٽنب مان هڪ ڀاتي گهٽجي ويندو،
يا وري، اڄ کانپوءِ، هڪ چاتل سڃاتل آواز، هميشه لاءِ
هن کان الڳ ٿي ويندو.

آپريشن ڪامياب ويو. ڊاڪٽرن پٽس کي بس ايترو ئي چيو،
اسانجي طرفان ته آپريشن ڪامياب سمجهو ڪپي. پر هيءَ
بيماري توهان کان لڪل ڪانهي. پرهيز چڱيءَ طرح رکجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هن بيماريءَ ۾ مريض جو پتو نہ پوندو آهي تہ ڪڏهن
ٿو....“

هو سمجهي ويو تہ اڻ سڌيءَ طرح ڊاڪٽر ڇا ٿي چوڻ
چاهيو.

ماءُ کي ڊسچارج ڪرائي، هو انکي رڪشا ۾ ويهاري، گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رستي ۾ ڏٺائين تہ ماڻس ڏاڍي خوش هئي. هوءَ ڄڻ موت سان جنگ جوٽي، بازي کٽي آئي هئي.

ماءُ کي خوش ٿيندو ڏسي، نجاڻ ڇو ڪيس ڪا خاص خوشي ڪانہ ٿي. ڪيس لڳو تہ سندس گهر ۾ وري پراڻو ماحول شروع ٿي ويندو. وري جوٽس ۽ ماڻس جي وچ ۾ ڳالهہ ڳالهہ تي کٽ-پٽ شروع ٿي ويندي.

تڏهن وري ڪيس لڳو تہ هن پي-ايف مان پئسا ڪڍائي سٺو نہ ڪيو. ماءُ کي تہ ڪجهہ گهٽ وڌ ٿيو ڪونہ ۽ گرهستي تہ هڪ کوهہ آهي. پئسا تہ گهر ۾ ئي خرچ ٿي ويندا.

هن وري سوچيو، ڪتي پئسا گهر ۾ ئي خرچ ٿي ويا، ۽ ان بعد ٿي امان کي ڪجهہ ٿي پيو- تہ پوءِ؟.... پوءِ هو پئسا ڪٿان آڻيندو؟

تڏهن ڪيس لڳو تہ ماءُ جي نہ مرڻ جو ڪيس بيحد ڏک ٿي رهيو هو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چو ڪيتر...؟ هلڻ ڏي، هلڻ ڏي..."

ڪجهه هٻڪندي پٽ چيو، "... توهانکي... توهانکي فلمي گانا نه وڻندا آهن، انڪري..."

"نه، نه، اهڙي ڪا خاص ڳالهه ڪانهي. هلڻ ڏي، هلڻ ڏي."

پٽ وري وچي ريڊيو کوليو. ريڊيو ڏانهن نهاريندي پيءُ چيو، "هي نئون ورتو اٿيئي ڇا؟"

"ها."

"۽ اڳيون؟"

"آهو... ڪجهه اڱين ئي... ڪجهه ٺيڪ نٿي هليو... ان ڪري وڪڻي ڇڏيم."

"هون." پيءُ اڱين ئي ٿورو مرڪندي چيو، "آئي اماڻوت ته آهو ساڳيو ئي پراڻو ريڊيو آهي. اڇا ته هلي پيو. اسانکي مڙيئي خبرن ٻڌڻ سان ڪم... سو ڪم ڏئي پيو. ٻيلا جي پيو ٿيو ته گهر مان ڪڍي ٿوريئي ڇڏ بو؟" پٽ کي اڳو ته اٿي پيءُ کو طعنو هنيو آهي. پر پيءُ جي ڳالهائڻ جي ڍنگ ۽ نهار ۾ پٽ کي اهڙي ڪا ڳالهه نظر ڪانه آئي.

ٿوريءَ دير بعد پيءُ وري چيو، "هوئن مان سمجهان ٿو ته جڳهه تنهنجي هوءَ به ٺيڪ هئي، پوءِ هرويرو مٽايئه ڇو؟"

اٿي اچي پٽ ٿورو منجهي پيو، پر صرف جواب خاطر چيائين، "آئي آپر-اسٽوري (Upper Storey) هئي، ۽ توهانکي ته خبر آهي ته ونکي گلن سان بيحد پيار آهي. آئي، مٿي هئڻ جي ڪارڻ مٽيءَ واري زمين نه پئي ملي. ۽ ڪونڊين ۾ گل

ڪي جي خبر هوندي ته مان تو وٽ آيو هوس ته ضرور ڇڏيندو
ته ٻار صدمي لاءِ ڇا موڪليو آهي؟.... پر خير، تون فڪر
نه ڪر، مان صدمي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه وٺندو ويندس
ٻلڙي ٻار جي ڏنل آهي نه.... ها باقي، توکي ٻار ڏاڍو ڪندو
آهي، ڏسج ويچارائيءَ جي ڪو فوٽو ڪڍايو، عجيبي ته
ڪيس موڪلي ڏج، وري جيڪ نڪ گهمندي ٻي ٻيءَ ڇيهو،
ڏسي ويچارو ڏاڍو خوش ٿيندو.... تون آئي، هواءِ ٻيهجي
ٻيڙو ڪمري جي، ٻي ڪا نشاني نه، ته ڪنهن ڇڏي ويو آهي،
گاڏيءَ هلڻ شروع ڪيو.
گاڏيءَ جيئن صاف پٽ ڏنو، ٻيءَ آخر تائين گهرڪيءَ جي مان
ڏانهن نهاريندو رهيو. گاڏي جڏهن پليٽفارم ڇڏي ويئي،
تڏهن هوءَ هلڪي سرڪ پٽ جي چپن هي ڪنڌ کي
چمي ويئي. هنکي اِن ڳالهه تي عجب لڳو ته هن دفعي ٻيءَ
کيلو نه ٻالڪجي وڌو هئو، جو هن ڪوبه ليکيجو ڪونه ڏنو.
ڪا نصيحت ڪانه ڪئي. هنکي لڳو ته گذريل ٻه ڏينهن
هميشه جيان بلڪل ساڌارڻ طرح گذريا. سي ٻه جڙ ڪجهو
ته ٿي ڪونه هئو. ڪجهه به نه!

جنهن کيس جادوءَ جي اثر هيٺ هن چيو، ”ها.... ها سائين،
معاف ڪريو مونکي.... مان آئينده ڪڏهن به ائين نه
چوندس.“
ڏاڏا هڪ ظالم ٽهڪ ڏنو.
ڊپ وچان هنجي نسن جو رت ڄڻ هڪ هنڌ ڄمي ويو هو.
ڏاڏاگير چاقو واپس کيسي ۾ رکي ڇڏيو. جيپ ۾ ويهندي ويهندي
ڏاڏاگير وري چيو، ”چڱو، هينئر ته مان ڪنهن خاص
ڪم سان وڃي رهيو آهيان، اِن ڪري توکي ڇڏي ٿو
ڏيان.... پر توکي ڏسي وٺندس، ٻڌو.“
هنجي وات مان جڳ اکر ئي نٿي اُڪليا. هو اڃا ڪا ٻي
ٻزاري ڪري ئي ڪري، ان کان اڳ گڙڙڙڙ ڪندي
جيپ اُتان وڃي هلي.
ڪجهه دير لاءِ پنج ئي دوست هڪ ٻئي جون شڪليون
ڏسندا رهيا.
پوءِ ٻنل ٻنل آواز ۾ هن پنهنجي پهرئين دوست کان پڇيو،
”ڪير هو؟“
تڏهن هنجي هڪ دوست چيو، ”تون ٻڌاري، عجيب ماڻهو آهين....
مان هيترا ڀيو توکي اکڙين سان اشارا ڪريان، ته ڇڏ ڙي،
نه ڪڇ.... پر تون وري کيس ٻولس چونڪي ۽ جون
شڪيون ٻيو ڏين.... اڙي، هي ماڻهو ڪو پوليس - پوليس
کان ٻچندا آهن ڇا؟.... هنتو پوچائيندا آهن.“
”ها.... پر هيءُ هو ڪير؟“
”تون به ٻاره، وڏو ڪو هوءَ آهين.... شهر جي هنڌي وڏي

ڏاداگير ڪي ڪو نه سڃاڻن؟“

سوالي نگاهن سان هو سڀني دوستن ڏانهن نهارڻ لڳو.

تڏهن سنڌس ٻئي دوست چيو، ”اڙي، اهوئي ته جڳت دادا هو.... نالو ڪونه ٻڌو اٿيئي جڳت دادا جو؟“

”هان؟.... ها.... ها، ٻڌو اٿم.“ هيسيل آواز ۾ هن چيو.

تڏهن وري سنڌس ٽئين دوست چيو، ”تون به ڀاءُ سوچي سمجهي ته هٿ الڪائيندو ڪر.“

”مونکي ڪهڙي خبر هئي ته اهو....!“ ڪيمن خود ٿي لڳو ته سندس آواز، ڊپ وچان ڇڻ بدلجي ويو هو.

سنڌس ڀهرئين دوست وري چيو، ”خير، هاڻي نيڪ ٿي ويو. سالڪ جا شڪرانا ميڃ، جو تون بچي وئين.... تنهن حياتي ملي اٿيئي ڇڻ.... نه ته تو کي خبر آهي، ته دادا جو چاقو جي هڪ دفعو کلي ويو، ته بنا خون پيئڻ جي بند نه ٿيندو آهي.“

”چو؟“ هن پڇيو.

سندس ساڳئي ٿي دوست وري چيو، ”اڙي. داداگيرن جا اصول ڀاڻ ماڻهن جي اصولن کان به ڪٺور ٿيندا آهن.... جيڪي صحيح معنيٰ ۾ داداگير هوندا آهن، سي اول ته چاقو کوليندا ڪونهن، ۽ جي چاقو کولهائون ته پڪ سمجهه ته خون ته پيئندا ئي....“

”هان؟“

”پيو نه ته وري.“ هن اڳتي چيو، ”....۽ جي سمجهه کلي، ته ڪنهن داداگير کي ڪنهن تي دهاڙي وڃي، سا هئي

ڪنهن به سبب ڪري هن پنهنجو ڪامل چالو اڳاهين ڪيو ۽
هيو، ته پنهنجي جسم جو ٿورو خون ڪڍي، چالوهه جي
نوڪ کي پيهاريندو .... داداگير چالوهه کي ڏسو ڪي ڄاڻ
پوڇيندا آهن .... ها."
هنکي لڳو ته اهڙي ڪا خاص گرمي هئي به ڪنهن پر ڪنهن
به هنجو جسم پگهرجي ويو هو.
تڏهن سندس هڪ دوست چيو، "توکي خبر آهي ته هنن
داداگيرن ۾ به هڪڙا هئي قسم جا داداگير ٿيندا آهن - رنگ
لڳل دادا .... جنجو هڪ دفعو شهر تي رعب ٿي ويندو
آهي، آهي پوءِ جهڳڙو وغيره ڪرڻ ڇڏي ڏيندا آهن ....
هنن کي گهر ويٺي ئي آرام سان مال-پاڻي ملي ويندو
آهي .... جوئاري ۽ ننڍا وڏا داداگير، هنن کي خرچ پهچائي
ويندا آهن .... پنهنجو جڳت دادا به رنگ لڳل دادا آهي ....
پنهنجي زماني ۾ هائيڊوس مچائي ڏنو هئائين .... خون مٿان
خون .... خون مٿان خون .... اڙي، هڪ دفعي، هڪ ماڻهوءَ
کي پاڻهين ۾ جهلي، مٿان کٽي جو هيٺ ڦٽو ڪيائينس - ته
ماڻهو ٿي خلاص."
"هان؟"
"بلڪل .... ماڻهن ته پوءِ کهڻون ٿي کاڻهون ڪيون.
ڪو چوي - دادا جي ڌڪاڻ کان مري ويو .... ڪو چوي -
ڊپ وچان دل ڦاٽي پيس ...."
"پوءِ؟ دادا جو ڪجهه ڪونه بگڙيو؟" ڪنهن خود ئي لڳو
ته هو پهلو بدلائي ويو.

اها پڪ ٿي ته دادا کيس معاف ڪري ڇڏيو آهي،
تيستائين ته....
هو واپس پنهنجي سيٽ تي هليو آيو.
شام جو هو پنجاب آٽو وارن وٽ پهچي ويو. پر دادا آئي
ڪونه هو. تڏهن همٿ ٻڌي هو اڳتي وڌي ويو. اتي هڪ
ڇوڪرات ڪاريگر ڪو اسڪوٽر ٺيڪ ڪري رهيو هو.
ڏاڍي نمرتا وچان هن ڇوڪري کان پڇيو، ”ٻڌ، جڳت ڀائي
صاحب آيو هو ڇا؟“
”اڄ ته اڃا ڪونه آيو آهي.“ ڇوڪرات هڪ دفعو اچرج
وچان هن ڏانهن نهاريو. وري پڇيائين، ”ڪجهه ڪم آٿو
ڇا؟“
”ها!“
”ڪهڙو؟“
”سنڌس ۾ ڏي ڳو ڪم آهي.“
”ڪجهه پئسا - پئسا پهچائڻا آٿو؟“
”نه.“ هن سوچيو - اڃا؟ ته هتي ماڻهو هنگي پئسا پهچائي
ويندا آهن.
تڏهن ڇوڪري به ڏانهس ڪو ڌيان نه ڏنو، پنهنجو ڪم
ڪرڻ شروع ڪيو.
هو پوءِ به ڪافي دير تائين ان دڪان جي سامهون بيٺو
رهيو. پر دادا ڪونه آيو. بيٺي بيٺي هو ڪجهه نه ڪجهه
سوچڻ لڳو. تڏهن کيس محسوس ٿيو ته هن ۾ ڪيتري نه
احساس ڪمتري اچي ويئي آهي. ڪيئن نه نمرتا ۽ ادب
سان هن ڇوڪري کان پڇيو - جڳت ڀائي صاحب آيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو ڇا؟

’پاڻي صاحب‘۔ ڪيس لڳو ته هڪ داداگير ڪي ڪيڏي نه غلط رشتي سان هن منسوب ڪيو هو.

.... دادا ڪونه آيو. ۽ هو بيٺي بيٺي هاڻي ٿڪجي پيو هو. هو وري اُن ڇوڪرات جي ويجهو هليو ويو. ”ٻڌ،.... هونئن منهنجو ڪو هن ۾ خاص ڪم ڪونه هو.... مان.... مان سياڻي وري ايندس.“

ڇوڪري هڪ دفعو غور سان هنڪي ڏٺو. پوءِ ڪنڌ هيٺ ڪري وري پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. هنڪي لڳو ته ڇوڪري شايد ڪيس اڻ ڪري غور سان ڏٺو هوندو، جيئن هو داداڪي سندس شڪل شبيهه، بابت ڪجهه ٻڌائي سگهي.

هو واپس هليو آيو.

ٻئي ڏينهن آفيس ويندي ئي هو وري سڌو پنهنجي دوست وٽ ويو. ”ڳڌيئه ڇا؟“

”نه يار.... پر مان ڪيس ڇٽي ڇڏيندس.... تون ڇو ٿو فڪر ڪرين؟“

ڪيس لڳو ته سندس دوست ڇهن ڏي ڇپن ۾ مرڪيو هو. سوچيندو هوندو: ڪهڙو ڪانئر ماڻهو آهي. ڪيس پنهنجي دوست جي مرڪ ۾ ڪجهه ڪجهه طنز به نظر آئي.

هن جي صفائي ڏيندي چيو، ”يار، فڪر وغيره جي ڳالهه ڪانهي.... پر.... هڪ ٿوري غلطفهمي آهي.... صاف ٿي وڃي ته.“

”ٿي ويندي، يار، ٿي ويندي.“ ڪيس لڳو ته سندس دوست ڏاڍي لا پرواهيءَ وچان جواب ڏنو هو. تڏهن من ئي من ۾

هن پنهنجي دوست کي چيو: ٻڌو، منهنجي جڳهه تي تون هجين ته پتو پوينئي .... ۽ وري تو کي ته حرامي، ٻار ٻچا ڪونهن .... اسين ته ٻچڙيوال . اٿهو آهيون، ان ڪري ڏورو ائين ....

.... ائين ڪجهه ڏينهن لنگهي ويا. ڪنهن سندس دوست کيس گيدي نه سمجهن، ان ڪري هن به پنهنجن دوستن سان ان دادا بنسبت ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

.... تنهن هڪ ڏينهن اوچتو ڀاڄي مارڪيٽ ۾ ڀاڄي وغيره وٺندي، دادا کيس نظر اچي ويو.

هو ڪنهن اٿيو.

دادا! هڪ گڏي واري کان تماڪو وٺي رهيو هو.

.... اڄ ته ڪانئس معافي وٺندس ٿي. اهو ڪمبخت هميشه جو ڊپ ته دل مان نڪري ويندو. هن سوچيو.

هو خود به تماڪو وٺڻ جي بهاني تماڪن واري جي گاڏي تي هليو ويو. دادا ڏانهس نهاريو. دادا جي نهارڻ سان هڪ عجيب قسم جي سنسني، بجلي جي ڪرنٽ جيان، هن جي سڄي جسم ۾ ڦهلجي ويئي.

ٿورو به همت ٻڌي ڏڪندڙ آواز ۾ هن چيو، ”نمستي سائين.“

”نمستي.“ بنا سڃاڻپ جي ئي دادا هن کي نمستي ڪئي ۽ تماڪو ٿيلهيءَ ۾ وجهي اُتان وڃڻ لڳو.

ڪافي سوچي ويچاري، نرميءَ مان هن چيو، ”ٻڌو ته.“ اڪثر هنجي زبان مان لفظ ئي نه نڪتا. ۽ نه دادا ئي، هميشه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آواز ۾ ڪيل، سندس سڏ ٻڌو.
تڏهن ڪافي دير واٽڙين نگاهن سان هو دادا کي ويندو ڏسندو رهيو.
- ته دادا ڪيس ڪرڻ سڃاتو.
- ڪهڙي خبر.
- سڃاڻي ها ته ضرور ٻه چار گاريون ڏئي ها، يا شايد چاقو ئي ڪڍي ها.
- شايد ائين ڪري به ها.
ائين من ئي من ۾ هو پاڻ سان ڪافي گفتگو ڪري ويٺو.
پوءِ کيس لڳو ته دادا پلجي ويو هوندو. هو ته شايد تن ڏينهن ۾ ئي پاڇي ويو هوندو. مان ئي اجايو ايترا ڏينهن ان ڊپ کي پنهنجي من ۾ هيڏي وڏي جاءِ ڏيو ويٺو هوس.
وري هن من ۾ ئي سوچيو: مان ايڏو ڊڄڻو ڇو آهيان؟... مان ايترو ڇو ڊڄي ويو هوس؟
تڏهن ڇڻ کنهن سندس ڪن ۾ ڀڻڪي چيو- تون توريٺي ڊنو هئين.... تنهنجي ٻارن جي حفاظت جي پاونا توکي ايڏو ڊيڇاري ڇڏيو هو.
ها کيس لڳو- اها ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي...مان.... مان پلا ڪٿي ڊنو هوس.
پوءِ وري کيس ان حالت تي خود ئي رحم اچڻ لڳو. هڪ دفعو وري کيس لڳو، ته اڄ جو انسان پنهنجو پاڻکي ڪيترو نه، اڪيلو، ڪيڏو نه بي سهارو، ڪيترو نه غير- حفاظتي حالتن ۾ محسوس ڪرڻ لڳو آهي.
ڇجاڻ ڇو، ان ڏينهن هن جهجهي پاڇي خريد ڪئي. ـــ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿي، تنهنجو باغي سپاهي، ٽوڪي شايد اهو سوچڻ لاءِ مجبور ڪري، ته مان اهو سڀ پنهنجي مذهب جي پرچار لاءِ ڪري رهي آهيان. پر ياد رکج، وشواس چاهي تون هڪ ڪک ۾ رکين، يا هڪ پٿر ۾ رکين، وڏو سهارو ملندو آهي ان مان، اٿت ملندو آهي.'

ڪيس وري لڳو ته سور ڪافي وڏي ويو آهي. زخم مان شايد رکي رکي روڳ وهي رهيو هو.

چلائيندڙ مريض هاڻي صرف ڪنجهي رهيو هو. ڊاڪٽر ڪيڏي مهل آيو، ۽ ويو به هليو- ڪيس ان جو ڌيان ئي نه رهيو. هن ڏٺو، صرف نرس آتي بيٺي هئي، جا سرنج وغيره واپس باڪس ۾ وجهي رهي هئي. تمام ڌيمي آواز ۾ هن نرس کي سڏ ڪيو. سندس ويجهو اچي نرس پڇيو، "سور ڪجهه وڏي ويو اٿيئي ڇا؟"

"ها، سور ته وڏي ويو آهي.... پر مونکي پاڻي کپي." ڪيس لڳو ته، ڇاڪاڻ جو هي ۽ نرس روبي نه هئي، ان ڪري هنجو ڪانئس پاڻي گهرڻ، شايد نرس کي نه وڻيو.

نرس پاڻي کڻڻ ويئي هلي. پنهنجي هٿ جو ڪوماڻل گل، هن واپس گلدستي جي ٻين مرجهايل گلن سان گڏ رکي ڇڏيو.

پاڻيءَ جو گلاس آڻي نرس هنجي ساسهون ٽيبل ٽيبل تي رکيو. گٽ گٽ ڪري هڪ ئي گهٽ ۾ هو سڀ پاڻي پي ويو.

پاڻي پيئڻ بعد هن نرس ڏانهن نهاري نرم لهجي ۾ چيو،

وچ ۾ دل ٻڌي رهي هئي. هن دريءَ ڏانهن نهاريو. گلدستي ۾ انهيءَ تائين اهي ڪومايل گل لٽڪيل هئا. وارڊ جون سڀ بتيون وسايون ونيون هيون. دريءَ جي شيشن جي قد ڪي ٽوڙي صبح جا ڪجهه ڪرڻا، جنهن مريض جي چهري کي، جنهنجي هٿن کي، جنهنجي پيرن کي چمي، جي سدن حالت ۾ رهيا هئا. لوهه جي واري پنهنجي سخت هٿ کي هن آنڪار ۾ مٿي ڪنهو، جيئن صبح جا ڪرڻا هن مبارڪ ڪرڻا هن کي به چمن. تڏهن آهستي آهستي پنهنجي هن کي چيو، ”ڏسو.... هر مرزو توهان سان پنهنجين آشائن کي، پنهنجين اميدن کي جوڙي هلندو آهي. هونئن زنده رهڻ جي اميد مون ۾ به رکي آهي.... پر نجاڻ ڇو، مونکي ائين ٿو لڳي ته سان پڄندس ڪونه....ڇا توهان مونکي بچائي سگهندا؟“

تڏهن هڪ نرس هن کي ويجهو اچي، ڪاٺس پڇيو، ”ڊاڪٽر صاحب پڇيو آهي ته رات توهانکي وري ڪا تڪليف ته ڪانه ٿي؟“

”هان؟.... ها، ٿي هئي. پر وڏي سسٽر انجيڪشن هڻي ويئي هئي.... پر، سسٽر، هڪ ڳالهه ٻڌاء.... ڇا سڀني مائين کي سپنا اچندا آهن؟“

”ها، سڀني کي ايندا آهن.“ نرس چيو.

”توکي به ايندا آهن؟“

”ها، ايندا آهن.“

تڏهن سندس چپن تي هڪ خوشنما مرڪ مڙي آئي. ”سچ؟..

## نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

# منهنجو وطن، منهنجا ماڻهو

### مصنف: لوڪرام ڏوڏيجا

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي سيني پاڪ جاين ۽ تهذيب، شهرن ۽ ماڻهن، ريتن ۽ رسمن، ڏندن ۽ ڌاڙيلن وغيره جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي. اهڙو ڪو عنوان، جاءِ، ڳالهه نه آهي، جنهن جو ذڪر نه ڪيل هجي، ڪتاب مان ڪنيل ڪجهه عنوان هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌو ندي، منڇر ڍنڍ، آبهوا، معدني پيدائش، ريگستان، ڪوهستان، سنڌو سڀيتا، ڏڙن ۾ ديبل سڀيتا، ڪراچي، هنگلاج، ٺٽو، نوري- ڄام تماچي، جهوڪ شريف، حيدرآباد، وڪيل. ڪچهريون، سياسي اڳواڻ، اديب ۽ عالم، حيدرآباد جا تيرٿ، ٿرپارڪر، نواب شاهه، لاڙڪاڻو ضلعو، جاگيردار، شاعر ۽ شاعري، دادو، سکر، شڪارپور ضلعو، درگاهون ۽ مسجدون، باغ ۽ ڪوهه، سنڌ واهه، گهٽيون ۽ حويليون جو ماحول، ماڻهو ۽ رهڻي ڪهڻي، محبت ۽ خدمت، مهمان نوازي، سنڌي ٻولي ۽ ادب، تعليمي سرشتو، پنچائتيون، پائيبند، عامل، ڳوٺاڻي رهڻي ڪهڻي، هندو زالون، پوشاڪ، ڪاڏي جا سواد، هندو ذاتيون، دعاسلام، شادي، عورتون، هاري ناري، زميندار ۽ وڏيرا، پير مرشد، ملا ۽ مولوي، ڪامورا عملدار، هندو مسلم تعلقات، مسلمانن جون ذاتيون، ريتون رسمون ۽ رواج، وهم ۽ وسوسا، پکي ۽ جانور، هنر ۽ ڌنڌا، چور ڌاڙيل، فقيريءَ جو فن، بيمارين جو علاج، ڌوٻي، حجم، ڇڪڙا، ٽانگا ۽ اُٺن جي سواري، شراب جون ڀٽيون ۽ نشا، روٽارڻ ۽ ڪلائڻ جو فن، ڳائيڻون، ڌرم جي دڪانداري، راڳ ۽ مشاعرا، ناٽڪ، سئنيما، ڪُڪڙن ۽ تترن جي ويڙهه، نانگ ٻلائون، جانورن جي ويڙهه، لغڙ، رانديون، ملاکڙو، ميلا، زالن جي ذلت، بي ميل شاديون، چوڪري بازي وغيره وغيره. 25 کان مٿي خوبصورت تصويرون- صفحا 418 . انڊيا جو ڇپيل اصلوڪو ٽائيٽل. قيمت -/100 رپيا.

## قومي غدارَ ۽ حساب ڪتاب

مشهور و معروف ڪالم نگار، مضمون نويس ۽ استاد **لياقت عزيز** جو هيءَ ڪتاب پنهنجي نوعيت جو منفرد ۽ دلچسپ ڪتاب آهي جنهن ۾ قومي غدارن ۽ نام نهاد سياسي ليڊرن، اسيمبلي ميمبرن، وزيرن، وڏيرن، ميرن، پيرن، پوليس عملدارن، ڪامورن، وائيس چانسلرن، استادن، تعليم کاتي جي آفيسرن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ملٽري ۽ پوليس جا هزارين فرد ماريا، ڦريا ۽ ڪافي مالِ غنيمت هٿ ڪيو. هن هلچل کي ”ٿين حر هلچل“ سڏيو وڃي ٿو، جا مجاهد اعظم، امام الاحرار حضرت پير سيد حاجي صبغة الله شاه رحہ جي سرڪردگيءَ هيٺ شروع ٿي هئي. هن ناول ۾ اوهان کي لڙڪ ۽ مرڪ، ٽهڪ ۽ ڇهڪ، حيرت ۽ عبرت، غم ۽ غصو، جوش ۽ هوش، محبت ۽ وحشت، فرض ۽ عزازت، رحم ۽ ڪهر، عقل ۽ عشق، حب الوطني ۽ غداريءَ جا عجيب و غريب نظارا نظر ايندا. پاڪستان رائٽرز گلڊ به هن کي سنڌي زبان جو بهترين ناول ٺهرائي پنج سؤ روپيه انعام ڏنو آهي. هيءُ تاريخي ناول 656 صفحن تي مشتمل آهي. نئين ٽائيٽل سان سينگاريل- قيمت صرف -/120 رپيا آهي.

## سَرَ لوهيڙا ڳيپا

**شيخ اياز** جو هيءُ نئون ڪتاب نثري نظمن تي مشتمل آهي 40 صفحن جو مهاڳ علاوه اٿس. ڪل صفحا 408. قيمت -/100 رپيا

## ڪوٽ لکپت جو قيدي (ڀاڱو I ۽ II)

* سنڌ جي چوٽيءَ جي ڏاهي سياستدان ۽ مهان اديب **رسول بخش پليجي** جي لاهور جي بدنام جيل ۾ گهاريل ستن سالن جي قيد جا ڪڙا مٺا داستان * سنڌ ۽ عالم جي سياست جو چرڪائيندڙ آپريشن. * ملڪ جي برک سياستدانن، اديبن ۽ عالمن جي باري ۾ توريل تڪيل رايا. * قيد تنهائي جي انهن نازڪ ۽ تڪليف ده گهڙين جا احوال جڏهن زندگي ۽ موت جي وچ ۾ چند انچن جو مفاصلو رهجيو وڃي. * سنڌي ادب جي سڀ کان اثرائتي ۽ سڀ کان نرالي جيل جي ڊائري. صفحا 345 - قيمت -/130 صفحا 272 قيمت -/100 روپيا.

## ”آزادي خاطر“

هن ڪهاڻين جي مشهور مجموعي ۾ دنيا جي عظيم ڪهاڻيڪارن جهڙوڪ: سارتر، گورڪي، ماپاسان، چيخوف، ٽئگور، سمرسيٽ ماهم، خواجه حمد عباس، جيمس اسٽيفنس وغيره جون ڪهاڻيون شامل آهن. انهن ڪهاڻين جا مترجم: غلام نبي مغل، نجم عباسي، ليرام ولي، ظفر حسن، تاج بلوچ، شمشير الحيدري، الطاف شيخ، عبدالقادر جوڻيجو، زرينه بلوچ، هري آشا وغيره آهن. صفحا 236- قيمت -/35

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

نيو فيلڊس طرفان جلد شايع ٿيندڙ ڪتاب

## نئون شهر ۽ عورت ۽ پيار

(ٽ ڪتاب هڪ ڪتابي صورت ۾)

مصنف: غلام نبي مغل ۽ پيري لوئي

## پياسي ڌرتي، رمندا بادل

مصنف: سراج

ٽن ڪتابن تي مشتمل ناول

اهي ٽي ڪتاب آهن:

منهنجي دنيا هيڪل ورياڪل

تنهنجي دنيا، سپ رنگ سانول

منهنجي دنيا، مرگهه ترشنا

اِهي ٽئي ڪتاب هڪ ڪتابي صورت ۾

ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل- صفحا 600

## اوڙاهه (ناول)

مصنف: غلام نبي مغل

ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيل صفحا 400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book